اڌ کليون اکيون

وينا شرنگي

165

5-6 (130)

000056

اڌ کُليون اکيون

(ڪھاڻين جو مجموعو)

وينا شرنگي

پروميلا پبليڪيشن

C-84 اندر پوري، نئي دهلي - 110012

ارپڻا

"ڪري ڪوچ ويا، سڀئي سنسار مون،
پير پيغمبر اوليا، جن پنهنجا پنڌ ڪيا،
گياني، ڌياني، گرستي، سامي پنڌ پيا،
سڀئي غيب ٿيا، تو ڇا سمجهيو پاڻ کي؟"

"سامي"

وينا شرنگي

Adh Khuliyoon Akhiyoon

By :
Veena Shringi

¤

First Edition : 1990

¤

Price : Rs. 45-00

¤

Published by :
Promilla Publication
C-84, Inderpuri,
New Delhi - 110 012
Phone : 5712563

¤

Printed by :
Kaushal Printing Press,
3, Dayanand Market,
Kaiser Ganj, AJMER-305001
Phone ; 32767

¤

Cover Design :
Rasheed Chowdhery

¤

Back Cover Photo - Aayz Gayd
Sachal Congress Karachi

¤

Copy right
with Author

لکڪ پاران

پنهنجي اڳين تصنيف ”منهنجا معصوم سپنا“ ۾ واعدو ڪيو هيم ته ڪهاڻين جي مجموعي ”اڻ کليل اکين“ سان پر کليءَ دل ۽ ذهن سان قلم ذريعي وري اوهان سان ملاقات ٿيندي. ڪهاڻيءَ جا ڪردار دوستي، وفا، دغا، هوس ۽ استحصال واري معاشرتي زندگيءَ جي عڪس جو مطلب آهن. اڄ جڏي جنم ڀومي ڀارت ماتا جي ٻچڙا ڏسي ”اڻ کليون اکيون“ ڀڙانجي ويون آهن.

موقعي پرستي ۽ مفاد پرست ٻوليءَ جو ترو ڪيدي رهيا آهن. هندستان ۾ سنڌي ٻوليءَ جي هيٺين حال تي سنڌيءَ جي ممتاز شاعر سرڳواسي نارائڻ شيام هڪ واري رهاڻ ۾ تي مون سان ڪچهري ڪندي پنهنجن جذبن جو اظهار ڪيو هو جيڪي هتي اوهان سان ونڊي رهي آهيان.

”سنڌي ٻوليءَ کي Oxygen تي جيارڻ پئو وڃي ۽ اها Oxygen ٻوليءَ کي غلط Cylender مان ملي رهي آهي. هتي ته ٻوليءَ کي اهڙن ئي هٿان Oxygen تي جيارڻ پئو وڃي.“

سرڳواسي نارائڻ شيام جي ان اظهار تي مولڪي امڙ طرفان استعمال ڪندڙ پهاڪو ذهن ۾ اڀري آيو

" نظم "

زندگيءَ جي هر موڙ تي
هر چوڙ تي
اگني پريکشا ڏيڻي ٿي پوي
هوس جون نگاهون
حياءَ جي دامن کي تار تار ٿيون ڪن
مان پنهنجي پاڪ دامنيءَ جو
ڪنهن ڪنهن کي ثبوت ڏياريان ؟
ڇو ته، مان ڪلجڳ جي سيتا آهيان
جڏهن ست جڳ جي سيتا کي به
پنهنجي پاڪ دامنيءَ لاءِ
اگني پريکشا ڏيڻي پئي
مان ته ڪلجڳ جي سيتا آهيان .

وينا شرنگي

مرحوم رشيد ڀٽيءَ جا اظهار ڪيل لفظ هتي ضرور
پيش ڪندس .

” سچو اديب ، شاعر يا فنڪار پنهنجي دور ۽
عهد جو آئينو ٿئي ٿو . هن جو هٿ قوم يا عوام جي
نبض تي هوندو آهي ۽ سندس دل عوام جي دل
سان گڏ ڌڙڪندي آهي “ .

ڪهاڻين جو مجموعو ” اڻ کليون اکيون “ ساميءَ
کي سمرپڻ ڪيو آهي . هن کان اڳ ، ڀٽائي گهوٽ ،
شاهه عبداللطيف ۽ سچل سرمست کي پنهنجي قلم جو
پورهيو منسوب ڪيو هئم ته ڪن ڏنگي نظرئي وارن
سوال ڪيو شاهه ، سچل کان ساميءَ کي ڇو ....
جن جي من ۾ خدشا هئا ته صرف ....
پسر ڏٺيءَ منهنجي قلم کي سگهه ڏني جو مان سندي
ٻوليءَ جي ” ٽمورتي “ شاهه سچل ساميءَ کي پنهنجي
قلم جو پورهيو ارپڻ ڪري سگهي آهيان .

ساميءَ جو جنم شڪارپور ۾ ٿيو ساميءَ مايا جي
مهاجار ۾ ڦاسڻ کان بندي کي خبردار ڪيو .

” مايا سڀ موهي ، جيءَ ڪيا وس پالهنجي ،
وڌائين ول ڇل سان ، اندا بندي ٿولي ،
پني ڏيئي پاڻ کي ، ڪن هوئي هوئي ،
آدم ڌن کوهي ، مورک ونا مٽ وي “
” سامي “

آهي. ”ڪانءُ مهل چون ڏاند آهيون ۽ وهڻ ۾ گابا“
جن جو پيٽ آکوڙن جي اَلي آهي، وڃي ٿو هڙ
ڳڙڪائيندو. اڄ سنڌي جاتيءَ جو حال بي حال آهي،
چوڻي آهي ”نڌڻڪا گهوڙا غيباڻا هسوار“.

جيڪي ٿي ويو اُن کي در گذر ڪجي اسان
هيمشي وقت پاڻيءَ وانگر وهائي ڇڏيو. فرينڪلن جو
قول آهي.

”وقت دولت وانگر آهي. ان جو اجايو استعمال
نه ڪرڻ گهرجي. اوهان دولت ته ڪمائي سگهو ٿا
پر وقت موٽائي نه ٿا سگهو.“

ساڳيو حال اسان جي سنڌي جاتيءَ جو آهي،
اسان ناڻو ته ڪمايو آهي پر وقت موٽائي نه سگهيا
آهيون.

وقت جو گهاٽو هڪ ٻيءَ پٺيان وڃي ٿو پيڙهين
کي ڳڙڪائيندو. جيڪو اسان کي ڇيهو رسيو آهي،
ان جو پورائو ڪرڻ مشڪل آهي. چوڻي آهي
”ڏوڏو ڪير لڏين نه پوندو آهي“ هاڻي ته زندگيءَ
جي لهرن مان صبق پرائي بدلي جي پاولا ترڪ
ڪري اختلافن کي ٿاڪ تي رکي حڪمت ٿي صبر
۽ تحمل جو پلاند پڪڙي محنت ايمانداري جفاڪشيءَ
سان وک وڌايون. اديبن، فنڪارن ۽ شاعرن لئي
وڏي جوابداري عائد ٿئي ٿي. سگر جي ترڪ اديب

مون کان وڌيڪ ڪين خوشي ٿي آهي .

It is not wealth of the world that can give real and lasting happiness.

It is the love & laughter of dear friends that does. "

اگر اُنهن جا نالا لکڻ شروع ڪريان ته وڏو سلسلو رهندو ، ڪنهن جو ذڪر ڪيان ڪنهن جو نه ڪريان.

پر لطيف سائين جو هيءُ شعر اُنهن جي احترام ۾ ضرور پيش ڪندس .

”ٿورا ني ٿورا مون تي ماروئڙن جا
پلاءُون پورا ڳڻي ڳڻيان ڪيترا“
”شاهه“

چڱو موڪلاڻي ناهي زندگيءَ جي ڪنهن نه ڪنهن موڙ تي اگر وقت ۽ قلم ساٿ ڏنو ته ضرور ملاقات ٿيندي .

سدائين گڏ

وينا شرنگي

ساڳئي وقت ساميءَ ٻيڪ ٻڌن ۽ ساڌ سنگت سان وهنوار ڪرڻ جي صلاح ڏني آهي. جنهن ۾ ئي انسان کي سک ملي ٿو.

”هيرو جنم نه هار، موڙ ڪ مايا جي پاڻ تون،
ملي ساڌ سنگت سان، اوڏيا پريم لوار،
پنهنجو پاڻ سنڀار تـه سکي ٿئين سامي چوي“

(سامي)

هتي مان اهو ضرور چوندس ته ادب جي ماڻ ۽ ماڻڻ کان ناواقف آهيان پر جنهن به شدت سان محسوس ڪيو اٿم ته پنهنجن جذبن جو اظهار ڪيو آهي. هن ڪتاب ڇپائڻ ۾ جيڪي ڏکيائيون در پيش آيون آهن تن جو ذڪر صرف هن لفظن ۾ ڪندس. دهليءَ کان اجمير ۾ خط ڪتاب، فوٽون ڪرڻ انتظار ۽ اچ وڃ جي مرحلن کي مان ذهني اذيتن جو ناءُ ڏيندس ۽ ٽوڪري ڪندڙ پـڪهاردار لاءِ پنهنجي هزان رقم لڳائڻ ۽ مٿان وري خرچ ....

هتي مان انهن بي شمار سڄڻن ۽ پيارن جي ٿورائتي آهيان جن منهنجي قلم جي پورهئي کي ساراهيو آهي. دعائون ۽ نيڪ تمنائون ڏنيون آهن. تعاون ڪيو آهي ۽ منهنجي پورهئي ساب ٿيڻ لاءِ

پاپ جو گهڙو

پاپ جو گهڙو - پاپ جو گهڙو؟ اِمان اِهو پاپ جو گهڙو ڀلا ڇا ٿيندو آهي؟

ننڍي هوندي اڪثر اَمڙ کان اِهو سوال ڪندا هئاسين، جو اَمڙ جي وات مان ڪيترين ئي ڀيرا اِهو جملو ”جڏهن وڃي پاپ جو گهڙو ڀرجي“ ٻُڌو هئوسين. اَمڙ مِٺا ڀاڪر ڀري پيار وچان معصوم ڇوري ڏي نهاري چوندي هئي، ”اِل جيڪو اِنسان ٻرا ڪم ڪندو آهي اُن جي پاپ جو گهڙو ڀرندو آهي ڀرجندو.“

اسين وري سوال ڪندا هئاسين - ڀلا ٻرا ڪم ڪهڙا ٿيندا آهن؟

اَمڙ سمجهائيندي چوندي هئي، ”چوري ڪرڻ، بيگناهن ۽ معصومن کي مارڻ، ڪنهن مظلوم جو حق ڦٻائڻ، عورت جي عزت نه ڪرڻ، چغلي ڪرڻ، ٺوڳو ڪرڻ، وغيره وغيره. اِهي سڀ ٻرا ڪم آهن. پوءِ

سلسلو

1	پاپ جو گهڙو	5
2	دردي داستان	13
3	ممتا	18
4	ڪڏي ڪريا	31
5	اڄ کليون اکيون	39
6	وحشي ڪير؟	45
7	انس ذُو امت	63
8	اصول پڙهڻا پڙهڻا	70
9	ورلتا	79

وڃڻي ٿي، جيڪا رت روئي، ناٽڪ ٻڌائون، ٻاهه جي. اُن ۾ شعلن سان ٻرندڙ هوندي آهي، ٻار ڪرڻي پوندي آهي. جيڪو جهڙو ٻرو ڪم ڪندو اُن کي اهڙي ئي سزا ملندي.

اهي سزائون ڏاڍيون ڀيانڪ، گرڙ پراڻ جون رنگين تصويرون. ڪن کي تيل جي ٽهڪندڙ ڪڙهن ۾ اڇلائڻ ۽ ڪن پاپين کي لوهه جا چمٽا ۽ شيخون گرم ڪري جسم ۾ ٽنب ڏيڻ وارو خوفناڪ منظر. ڪن کي اُبتو لٽڪائڻ. ڀڳوان کي پرارٿنا ڪرڻ شروع ڪيون - ڀڳوان اسان کي پاپ ڪرڻ کان بچائجانءِ. ڪن ٻڍڙي توبهه توبهه ڪري اُن ساعت امڙ کان سوال ڪندا هئاسين ته اَسان ٻـلا ننڍڙا ٻار جو مري ويندا اُنهن جو ڪهڙو گناهه هوندو آهي. اُنهن ٻارن کي ڪهڙي پاپ جي سزا ڏني ويندي آهي؟

ان تي امڙ چوندي - اهي ٻار ڀڳوان کي ڏاڍا پيارا لڳا. ڀڳوان جي مرضي پنهنجن ٻارن کي جلدي پاڻ وٽ گهرائي وٺي. جڳن انسان جي هٿ ۾ ڪجهه نه هٿ ۾. هاڻ ائين ته ٿيندو آهي ته اڪثر جنم جو حساب ڪتاب، ليکو چوکو ڏيڻ لاءِ ڀڳوان پاڻ وٽ گهرائي وٺي.

ٻرائيءَ جو نقشو ٻرو لڳندو آهي. انهيءَ رات ڪتن ڪرلوٽن ڪري سان انسان جي "پاپ جو گهڙو" ويندو آهي آهستي آهستي ڀرجندو ۽ جڏهن اهو "پاپ جو گهڙو" ڪٺن لار ڀرجي ويندو آهي تڏهن انسان جو انت ايندو آهي."

انت ايندو آهي!

امڙ چوندي هئي، "ها انت ايندو آهي. ٻرو انت."

"امڙ، اهو ٻرو انت ڪيئن ايندو آهي؟"

چوندا آهن شل نه ڪنهنجو انت ٻرو ٿئي. امڙ اسالڪي ٻرن انسان جي ٻري انت جو اکين ڏٺو احوال گرڙ پراڻ جو ڪتاب کولي تصويرون ڏيکاريندي هئي ته ڪهڙي ٻري ڪم جي ڪهڙي سزا ڪئي ڀوڳيندو آهي، اهو بيان ڪندا ويندا هئا.

اسان جون اکيون خوف ۽ هراس وچان گرڙ پراڻ جي تصويرن ۾ کتي وينديون هيون.

امڙ جن رلهڪ ڪامينٽري جاري رکندي پيا آلاپيندا ويندا هئا ۽ ڪڏ ايمانداريءَ ۽ سچ تي هلڻ جون هدايتون ڪندا هئا ۽ دعائون به گهرندا ويندا هئا ته پرماتما مهنجي ٻارن کي سڀني مت ڏجانءِ، شل وار نه ونگو ٿئين، ڪوسو واءُ نه لڳين. اهو ٻه ٻڌائيندا هئا ته جڏهن انسان مرندو آهي ته، ان کي

ٻيءَ ساعت مون ٽي منٽ ۾ ڇوان ڪانءِ ڳالهه ڪانه
آهي. جهڙي ڪندا سي لوڙهيندا. الي ڪر الي ٻوڙ.
ٻـر الي ڪر الي ٻوڙ... وارو مهينو ويهار ڪڏهن
”لبچ جي ساري سر“ آهي ان تحقيق ۾ مصروف
رهي ٿو. ڪڏهن ”ٻاپ جي گهڙي“ ٻرجي وڃڻ واري
گـرڙ ٻـراڻ ۾ انهان ڪيل سزائن جي انتظار ۾ رهي.
بس انهيءَ خوش فهميءَ ۽ وشواس جي سهاري زندگيءَ
جا ڏينهن ٽيا ڪٽجن. مضبوطي... ٻردباري... ڏکن سکن
سان دوستي ۽ ڏکن ٽنيان سکن جي اچڻ جو انتظار
۽ مختلف انسان جي ٻاپ جي گهڙن جي ٻرجڻ واري
سطح تي نظر. دل ۾ ڇوان اڄ هڪ ٻيو دوکي جو
ڪم ڪيائون. ٻين جو ڇا ٻگاڙيائون. ٻنهنجي ٻاپ
جي گهڙي ۾ اضافو ڪري رهيا آهن. بس ڪن جي
ٻاپ جو گهڙو اڃ ٻرٻل ٿو ڪن جو مٿو. ڪن جو
ڪناري ٿائين ٿو ڪن جو ....
انهو تحقيقي ڪم گهر وڃي ٿي، منزل طرف وک وڌائي
ٻيو . رهيو ٿان گهر .... گهر ڪان رهيو. ان وچ واري
فاصلي ۾ گهري سوچ...... ٻرماتما وٽ دير آهي انڌير
ڪين آهي. مون ۾ ويچار اچي ٿو اڄ مختلف تحقيق
ڪرڻ لاءِ گهڙا ٿا ڪهڙت ڪمالا ٻيا ڪين. الڳ الڳ
شخصيتن سان ملاقات - ڳـڏي ٿي وڃي جائزو وٺڻ.

وقت پادشاهه آهي ۽ اسين اُن جا غلام. اَک ڇنڀ
۾ ٻالپڻ گذري ويو. پر زندگيءَ جي اُن سفر دوران
"ويتروٽي لڌي پار ڪرڻ" "پاپ جو گهڙو ڀرجڻ"
وارين مختلف ڏيکن وارين پهاڪن دل دهلائيندڙ
منظرن جون رنگين تصويرون ۽ اَمر جي رننگ
ڪاميٽري، ريڊيو وانگر اليڪٽرڪ موسم ۾ آواز جي
اُتار چڙهاءَ سان Fede in ۽ Fede out ٿيندڙ رهيون.
پر پاپ جي گهڙي لفظ ٿيندڙ دل ۾ Clotting of blood
جي ٽِڪي وانگر دائمي جاءِ والاري ڇڏي...............

سوچڻ جو جمود ....

اَڄ اَمر کان ملاٽي جي "پاپ جو گهڙو" ڪڏهن
ڀرجندو اهو سوال ڪو نه ڪريان بلڪ اهو رڳو عمل
رهي. اهي سڀ بيڪار جون ڳالهيون آهن. مرڻ کان
پوءِ ڪنهن ڏٺو آهي سرڳ نرڪ. اَڄ اَمر پنهنجي
رننگ ڪاميٽريءَ ۾ وڏي تبديلي آندي آهي.
ڇو ته اڄ لئه جي ساري سر آهي. پرماتما آهي
ڪٿي؟ اڄ سڀئي پاپ پنهنجي دل ۾ مست.
مان اَمر جي ڏاڙهي ۾ اُنهن جو ڪاڪب ڪندي وڃان ٿو.
ڪڏهن ته ايڪوهين صديءَ ۾ زماني سارو وقت کي
ڏسي ان منزل طرف وک وڌائين. پر منهنجون
نگاهون انتظار ڪري ٿڪجي پيون آهن.

ٿي نه ڇڏيائين. هتان وري پٿري بازي جي الارام ۽ مهم جو بار بار در ڪڙڪائڻ. هتان ڪانگ جو لوڙڻ.... در کولڻ سان نيپالي جو پٿرو اڇلائڻ، ڪاوڙ مان ڪانوَ کي پوندو ڏيئي چوان : " لک جي لعنت اٿيئي." پيارن جي پيغام، سڄڻ جي سنڌهن پڌران....... لام لهاد سماج سڌوا...... ٻولي، ادب ۽ هنر فروشي جي لام لڳ، لنگو لاچ...... شرم وچان ڪنڌهن اکين جو ازخود ٻوٽجي وڃڻ ته ڪنڌهن ڪنن ۾ همٿ ڏيڻ نه ڪنڌهن وري اکين ۽ ڪنن جي ٻوهيز پڌران ٻاڻ کي ٻوگ ۾ سمرپڻ ڪرڻ ۽ الٽ آلما جو پرسڪون ماحول ۾ آواز، "ڏس 'پاپ جو گهڙو' ڀرجي رهيو آهي."

هڪ ڏينهن مون ڪيئن پاپ جا گهڙا ڪنن ٽار ڀرجندي ڏٺا. ان رات جو فرحتي لنب ڪرڻ جي تصور ۾ مان خوشي ۾ وچان پاڳل ٿي ويس. گهري لنب جي آغوش ۾ سمائجي ويس. گهڙين ۾ موڪي لوڙو پئجي ويو....... پاڳل پڻي جو دورو مون زور زور سان ٽهڪ ڏيڻ شروع ڪيا. جيسي ڏينهن جو مدر گواهي اٿجي ڪئين مون راڃهائيندا هئا، سي ٽهڪ ٻهاڪ اڀجي ويا. اُمڙ ٻاهر ڪان ڏوڙڏاڙيندو ڇيو- ويندا پاڳل ته نه ٿي ويئي آهين. منهنجون داهون ۽ ڏاون ٻهاڪ ٽهڪ- اُمڙ

ڪتابن جا ورق ورائڻ ۽ تصويرن ڏسڻ ڪري واسطيدار
عملي ذخيري جي ڇنڊ ڇاڻ ڪرڻ...... وغيرا اوُر اچوئين.

پر جي مُلا مهر جا مينهن وسائي ته
اُن ڪي رڱي ڇڏي. مان اهوئي چوان ٿو ته مُلا
مون تي اڄ مهر ڪئي آهي. اصل مهر ته مهر جهڙي-
گهر ۽ آفيس ۾ ڪنهن پيرا پڙهڻ لاءِ موصول ٿين.
ڪن ۾ ڪهڙا مضمون ته ڪن ۾ ڪهڙا، ڪن ۾ مان
سمان جون تصويرون، ڪن ۾ مهورتي مڌج. هڪ طرف
ضمير فروشن جو قلم ۽ ڪاغذ جو استعمال ته ٻئي طرف
"پاپيءَ جي ڏهڙي" ۾ صرف پوائنٽ پوائنٽ جو اضافو.
ڪڏهن هزار ٿي مهيني کي چوان- مٿا پوائنٽ پوائنٽ سان
ته ڪهڙي پرچڻ ۾ ڪنهن جهارون پورهيون ٿي وڃنديون
ته به ڪهڙو ڪين پرچندو. پوءِ ته اصل پاڻين جو
مڪو مچي ويندو.

مٿي آئي ڏاڍي چوي- پت ڪلڪتي جو دفتر
آهي. اهڙو جلد ڪهڙو ٿو روئي پرچندو. پرماتما وقت
دير آهي پر اندير ڪين آهي.

ڪجهه عرصي کان ڪيترن اخبارن ۽ مئگزينس ۾
کي ڇپرا ڪجي تصويرون، تمام ٿهاد اگهاڙن سماج
سهوڪن، ادب نوازن جي سمان جون تصويرون
ور ور ڪري ڇپڻ تي رپٽ ارباب ڪاسٽ والڪر الر

دردي داستان

پرڪاش هوٽل جي ڪمري ۾ چئني طرف اِئين چئنيءَ سان چڪر ڪاٽي رهيو هو. هو جوليءَ جو انتظار ڪري رهيو هو. اڄ کان ويهه سال اڳ ٻنهي زندگيءَ جي ڏور ۾ ٻڌجڻ جو فيصلو ڪيو هو. پر ٻنهي جي وچ ۾ اونچ نيچ جي ديوار هئي. پرڪاش جا مٽ مائٽ، سماج، ٻنهي جي زندگيءَ جي اُهالن لي سماجي ٻنڌڻن جي ڪارڻ ڪڪرن گهيرو ڪري ورتو هو. پرڪاش جي حالت، ماحول ۽ سماج اِئين بزدلي ۽ ٻئي طرف جوليءَ جي آزاد ماحول ۾ ٺهيا زندگيءَ سان مقابلو ڪرڻ واري اٽل ارادي ۽ جستجو ڪري دنياداري ۽ ٻاوني سماج جي انساني ذهن تي سچائيءَ کان دور غلط اميج ۽ ان اميج سماجي چئوٻول ۽ حالتن اِئين پرڪاش جا گوڏا نِٽڪڻ-ٻڌڻ اعتماد جي ڪميءَ ٻنهي کي الڳ ڪري ڇڏيو.

اڄ جڏهن پرڪاش ساڳيءَ هوٽل ۾ جوليءَ کي ڏٺو ته هو ديوانن وانگر جوليءَ جي پويان ڊوڙڻ لڳو ۽ جولي جولي پڪارڻ لڳو.

چيو هوش ۾ نه آهين، ڇا ٿيو اٿئي. مون روئي ڏنو. اوڇنگارون ڏيڻ شروع ڪيم. ڏاڍهون ڪندي چيم ڏسو ڏسو. بابا جي گهڙي ۾ ٽڪ ٿي ٿيو آهي، وڏو ٽڪ. امڙ ڪجهه ڏٺو، مدد ڪريان. امڙ ڪجهه نه ڏٺو، جلدي ڪريو، وارو ڪريو، ڪجهه نه ڏٺو. گهڙي ۾ ٽڪ ٿي ٿيو آهي.

امڙ بابهن کان ٿو ڊاڙهندي چيو- بس بس ڪجهه ڪين ٿيو آهي. تو سپنو لڌو آهي، سپنو. لڳي ٿو نه تو ڪو خوفناڪ خواب ڏٺو آهي. ماڻ ڪر، ماڻ ڪر، مان چوان ٿي ڪجهه ڪين آهي. چري نه ڪين ٿي آهين. ڪجهه ڪونهي؟ پر ڪري ڪاٿي؟ ساڄي پاسي ٿي چانئو ڇو وهائيندي چيائون- ڪنڌ ۾ وجهي پوي لنهجي اها رهائو جي نوڪري. ڏيهن رات ٽانڪ.... ٽانڪ.... صرف ٽانڪ....

سڄا پرڀندي مهجي لڳن لڳي آيو امڙ باب جي گهڙي ۽ پوڻ ٿي واهه. جو مون ساڻ ٽانڪ ڪيو آهي ٽانڪ........ ....

سج لهي ساڳهي ٿي. ٻرندي جي هر گهڙيءَ
چنڊ ٿي پرڪاش چوڪ پري آئي ڪرڙو پيو ٿئي.
جڏهن سندس دل جي ڌڙڪن بهتي ٿئي وڃي. ڏڪيندڙ
خاموشيءَ ۾ هن جي اڀ چٽڻي وڌڻ لڳي. ان خاموشيءَ
۾ گهڙيءَ جي ٽڪ ٽڪ سان گڏ سندس دل جي
ڌڙڪن ساف ٻڌڻ ۾ رهي هئي. جڏهن هن هوٽل جي
ڪمري جي بل وڌي ته هن جي دل جي ڌڙڪن
تيز ٿي وئي، هن ٻيو ٻڌڻي در کوليو. هوٽل جو ملازم
ڪيس هڪ چٺي ڏيڻي روانو ٿي ويو. هن ڏڪندڙ هٿن
سان خط کوليو.

Dear me,

توکي ياد هوندو اهو ڏينهن جڏهن تنهنجو
۽ منهنجو اُن موضوع تي بحث ٿيو هو. توکي ماضيءَ
جي اُڻ ڏٺل ٻين جي واڳن ٻڌل واقعن ۽ حادثن جو
ڏر ....۽ زندگيءَ تي مستقبل ۾ ٿيندڙ پرچائين جو
خوف، ان اڄ کي (Present)........ماضيءَ جي قصن ۽
مستقبل جي خوف جي سوچ ۾ وڃائيندو رهين ۽ مان
توکي اُن اڄ ماڻڻ لاءِ چوندي رهيس. پر تون ....تون
ور ور ڪري ماضيءَ ۽ ايندڙ جي قصن کي دهرائيندو
رهين. منهنجي من مان پيار ۽ خوف ڪڍڻ لاءِ تون
موٽڪي ۽ اُن ۾ شرڪ ڪندو رهين. مان توکي صرف

جوليءَ چيو- پرڪاش هميشه مون وٽ وقت ڪونه آهي. مان جلديءَ ۾ آهيان. پرڪاش جي آڏو بيزار ٿي هن چيو ته پرڪاش، هميشه مان تمام جلديءَ ۾ آهيان. مهرباني ڪري هن وقت منهنجي راهه نه روڪ.

پرڪاش پيڙا وچان چيو: ”نه جولي نه، مان توکي وڃائڻ نه ٿو چاهيان. تون ڪٿي گم ٿي وئي هئينءَ. مان تنهنجي تلاش ۾ ڀٽڪندو رهيس. هاڻي مان توکي وڃڻ جي اجازت نه ڏيندس. توکي اڄ پاڻي ڪري وري نه ٿو وڃائڻ چاهيان. تون هيڏو عرصو ڪٿي هئينءَ؟“

جوليءَ مسڪرائي چيو- ”پرڪاش دنيا جي ڀيڙ ۾ گم ٿي وئي هيس. وقت جي ڌارا جي وهڪري ۾ وهي وئي هيس. پر هيءَ دنيا ڏاڍي ننڍي آهي. ڪٿي نه وري زندگيءَ جي هڪ موڙ تي ٽڪرائجي ويا آهيون.“

پرڪاش ٽڙندي چيو- ”جولي مان وڌيڪ انتظار نه ٿو ڪري سگهان.“

جوليءَ مسڪرائي چيو صرف شام تائين جو هينئر مان جلديءَ ۾ آهيان. مونکي ڪانفرنس ۾ وڃڻو آهي. پرڪاش چاهيندي به جوليءَ جي راهه نه روڪي سگهيو.

لاٽ ٻجهندي.

اڄ جوليءَ زندگيءَ کي پرڪاش بخشڻ کان اڳ صبح جي تيز روشنيءَ ۾ سمائجي وئي آهي. پرڪاش ڳولهڻ جي ديوانگي نه ڪجانءِ.

ان ۾ جي تلاش نه ڪجانءِ........ جيڪا........ ؟ صرف....... 0 ـــ..... ها صرف 0 0 0 0 0 ....آ.

پرڪاش هوٽل جي ڪمري جو در کولي جوليءَ جي ڪمري ڏي ڀڳو پر جوليءَ نه زندگيءَ جي نامعلوم منزل طرف وک وڌائي هئي صرف ”دردي داستان“ ڇڏي چڪي هئي.

o

اڄ ...... صرف اڄ ماڻڻ يعني حال (Present) سان قدم
ملائي هلڻ لاءِ چوندي رهيس. تون اُن فيلسوفيءَ کان
انڪار ڪندو رهين. سمجهڻ کان قاصر رهين. اڄ
تون اُن حال تي روئي رهيو آهين جيڪو تنهنجو
ماضي بڻجي چڪو آهي. جنهن زندگيءَ جي خوشگوار
راهه کي گم واريءَ جا ڍير بڻائي پيرن جي سُرڻ
کان خوفزده ٿيندو رهين. تنهنجي تصور وارو اهو
ٻرندڙ صحرا اڄ جنهن ماضيءَ جو ڪفن اوڍي دفن
ٿي چڪو آهي سو تون اُن کي گلستان بڻائي ڏوڙها
ڏاڙي رهيو آهين. جنهن لاءِ صرف تون، ها صرف تون
جوابدار آهين. تنهنجو اهنڪار، تنهنجي بزدلي
اُن وقت جو اڻ ڏٺل خوفزده ڪندڙ مستقبل جيڪو
اڄ ماضي بڻجي چڪو آهي سو اڄ تنهنجو "دردي
داستان" حال (Present) بڻجي توسان هم سفر آهي.
تو پنهنجو حال ۽ مستقبل خود جوالا مکيءَ جي نظر
ڪري ڇڏيو. جيڪو نه صرف تو لاءِ پر مون لاءِ به
"دردي داستان" بڻجي چڪو آهي. جنهن کي مان
هزار ڪوشش ڪرڻ جي باوجود به بدلڻ ۾ ناڪام
آهيان. اڄ منهنجي ناڪاميابي ۽ تنهنجي ماضيءَ جو
ڏر ۽ بزدلي ايندڙ پيڙهين لاءِ مثالي راهه بڻجندي.
تو ۽ مون جهڙن لاءِ زندگيءَ جي واٽ بڻجندي——

آهي ۽ هاڻي وري سولو ٿيو وڏو ٿي ويو آهي ان
کي ٻه ٽه ڪمري جي ضرورت ٿيندي. رمو نوڪري
ڪري ٿا وري نوڪري سنڀالي، هن ڪي آفيس جو
پينشن ٽٽي ٿو. هن جو پنهنجو اسٽيٽس آهي.

پتڙا ٻرام تون ته ماءُ تي دٻا ڪر. مان نوپو نڙو
ڪري ڪڇهه ته ڪڇهه ڪري وٺنديس. رڙهي سڙهي
نڪڙ نڙو پڇالينديس .... لال جوالي ماڻهن مولڪي ٿي
ڪئي.

رمو موڙو ڏينهدي ڇيو- امي جيڪو رلڻي ۾
ڪن ڪپڙو ڪندين اهو ٿيو ته مولڪي صاف ڪرڻو
پوندو. مان ڪا زر خريد ٻانهي آهيان جو نيوڙ والگي
پئي وهان. ٻيڪن ۾ ته مون راڄ ڪيو آهي راڄ.
مولڪي ڪهڙي خبر هئي ته هن گهر ۾ اچي ٻانهي
ٿيندس. ماڻهن وٽ هڪ گهڙلي هيس ته ڏهه
ملندا هئا. هن گهر جي ٻوجهه ته مونکي چيڀهه ٿي
ڇڏي ڪري ڇڏي آهي. پوڙهي اکين ٿي ڪين ٿه
ٿه ته ڏڪا ڏيئي ڪيلديسان. هاڻي گهڻو ڏٺو
پنهنجو اهو ناٽڪ. ٿيو گوڙها ٿين سڳهه. تون اصل
عزت مان ٿيو جاڻين. مجبور ٿي....

پوءِ پٽ تون ٿيو ٿو ڪدوار کي سمجهائين. ڏس

ممتا

ڪنوار مولڪي نه ڪئي - ڀڳوان جي واسطي مون تي دِيا ڪر ... رحم ڪر .... رحم ڪر ....

اسان ڪو رحم جو ٺيڪو کنيو آهي. گهر سنڀاليان، ٻار سنڀاليان، نوڪري ڪريان مٿان وري ٿڌهڙي جوابداري. اسان وٽ جاءِ ٿي ڪٿي آهي.

ڪنوار ڪنهن ڪٽنب پاسي پٺي هونديس. ٻار سنڀاليندس، گهر لاءِ سودو سلڙي وٺي ايندس. ڏاهي مولڪي نه ڪئي - واسطي ڀڳوان جي مون ٻوڙهي تي رحم ڪر.

”ڪسيري جي ڪٿي ٽڪي جا ٽڪر“ ٽڪي جو ڪم ڪندين ۽ کائيندين سڀ ٻوڙهين جو. مهانگائي جو زمانو لڳو پيو آهي. وڃي ڪنهن ٻئي اسٿان تي رام نام جپ اسان جي جند ڇڏ.

پٽ پرلم نون تي ڪنوار ڪني سمجهائڻ ٻيائي ۽ ڪڍائين وينديس.

اڄ مان ڇا سمجهايانس. اسان وٽ جاءِ ٿي ڪٿري

ماءُ راھہ ۾ واھہ جي تلاش ۾ ڀٽڪڻ لڳي. روشني ۾
اولڌھہ جي واري وني، ساڻ اچ وڃ ۾ لڪ ڇپ ۾
ڀرلر ماءُ نوڪر ڪاڻي ڪار ساڻ ٽڪرائجي وئي. انھا
ڪار کي زور سان ارڪ لڳائي. ڪار جھٽڪي سان
ٻھجي وئي. ڪار جو دروازو کولي جڏھن لتا ٻاھر
نڪتي تہ ھن جي نظر ڀرلر ماءُ تي پيئي انھا گوڏن
ڀر وباھي رھي ۽ چيائين - امان توھان کي ڪٿي وڃڻو
آھي. لڳي ٿــو الڌاھي راھہ ۾ ممتھن جھڙ ڪري
اوھڻن راھہ ڀلجي ويا آھيو مولڪي ڀمھنجي گھر جو
پتو ٻڌايو تہ مان اوھان کي منزل تي پھچايان.

ڀرلر ماءُ سڏڪا ڀريندي چيو - مھنجو عاشيالو
اجڙي ويو، مسان والو ڪان وڃڙي وئي آھيان. جمھنڪي
واھہ ۾ راھہ تصور ڪيم اھو ڀيم ھو مرگھہ ترشنا ھئي....
منزل .... مھنجي منزل تہ موت آھي. مولڪي مرڻ
ڏيڻ ھا. تو مولڪي ڇو بچايو. مان جي ڇا ڪندس؟

انھا چيو - امان اجڙي وائي تہ ڪيئندا .... اوھان
جو اجھو .... ٻچن جو آکيرو .... اولاد ڪٿي آ ....

اولاد .... اج ڀمھنجي ئي اولاد مولڪي اي اولاد
ڪري ڇڏيو. ٻيائي جي سھاري جــي اسٽ سھارو
ڏيئي ٻدران مھنجي ئي ھٿن تي وار ڪري اڀاھج
بڻائي ڇڏيو.

ڏس ڪيئن ٿي ڏڪا ڏئي.

انسان سچو ڏوهه، ڏٺو آهي. ماڻهوءَ کي هڪ پيرو چنبو آهي نه سمجهي وٺندو آهي. پر ٽون- گهر مان به گهر ڪرائي تماشو ڪري اوڙي پاڙي وارن کي ڪٺو ڪري انسان جي لاڪيٽي عزت مٽيءَ ۾ ملائيندا آهن.

پٽ ٽون هي ڇا پيو چئين .... مولڪي ا، ڪئي .... نه ڪئي ....

پوڙهي پرلم ماءُ دانهون ڪندي رهي پر هن جي ڪنهن نه ٻڌي. ايتري قدر جو پنهنجي رت، پيٽ جائي پٽ به نه ٻڌي. ان دردناڪ منظر تي آڪاش به روئي ڏنو .... قسمت جي ماري پوڙهي آڌي رات ڌاڌيئن منهن واچوڙي ۾ گهر کان اسي گهر ٿي خاموش راهن تي اڻ ڄاتل منزل ڏانهه ٿيڪڻ لڳي. پوري ڪالونيءَ جون بتيون وسامي ويئون هيون. جڻ ڪنهن ديوتا جو ڪروپ ٿيو هجي. قدرتي قهر نازل ٿيو هجي .... وڻن ٽڻن جون ٽارون ڦٽڪڻ لڳيون. بجليءَ جا ڪنيا اڪڙي ٻٽ پيا .... بادلن جي گڙگڙاهٽ ... وڄ جي چمڪاٽ...... پوڙهي پرلم ماءُ وڄ جي چمڪاٽ جي روشنيءَ ۾ ... راهه تلاش ڪرڻ لڳي. جا راهه ان روشنيءَ ۾ کيس ملئي ڪانه هئي. وڄ جي چمڪاٽ جي اڪ ٻوٽ ۾ ڪجهه فاصلي جي دوري ته طئه ٿي سگهي ٿي پر منزل نه ملئي هئي. بدنصيب لاچار

ساڻس نڀاهڻ جو فيصلو ڪيو، پر اشوڪ جي ماءُ اُن رشتي جي حق ۾ نه هئي. اشوڪ مڃائيندو رهيو سندس ماءُ انڪار ڪندي رهي. ان وچ ۾ نشا جي ماءُ گذاري وئي. اهو وقت نشا کان خوشيون کسي ويو. حالتن هن کي اشوڪ کان پري ڪري ڇڏيو. هن جي دل کي بيحد صدمو رسيو. نشا زندگيءَ کان مايوس ٿي وئي .... هر وقت نه وڏا وڏا گهاءُ ڀري ڇڏي. زخم ڀرجڻ لڳا. نشا جي چهري تي سڪون ۽ آهستي آهستي اکين ۾ چمڪ عيان ٿيڻ لڳي .... اکين جي ان چمڪ ۽ چهري تي مرڪ پٺيان انهن بي سهارا عورتن جي ٻوڙهن جي خشڪ ٿيڻ جو ئي ٻيو سرمايو هو. نشا انهن ٻوڙهن کي اُگهي مظلوم عورتن کي زندگيءَ جي نئين راهه ڏيکاري. هنن مظلوم عورتن ۾ نشا کي ماءُ جو روپ نظر اچڻ لڳو. انهن جي ٻوڙهن ۾ ماءُ جي لڙڪن جون لڙيون نظر اچڻ لڳيون. هو لڙڪ اُگهندي هئي. هن انهن چهرن تي مرڪ آڻيندي جڏهن مرڪ ۾ هوءَ ماءُ جي مرڪ پسڻ لڳي. نشا بيمار ماءُ کي پيڙا ۾ ڏسي ڏڪي اُٿي. هن کي پوري رات ننڊ نه آئي. هوءَ سوچيندي رهي پنهنجي خون ممتا سان ڏاڍائي ڪئي. هوءَ صبح جي انتظار ۾ هئي. بيمار ماءُ جي صدمي ڀلائڻ ۾ ڪيس مدد ڪرڻ جي فڪر ۾ هئي. هوءَ بيمار ماءُ ۾ آتم وشواس

هنا آئنس ڏيندي چيو- امان، زماني جي گردش ۽ وقت هر ڪنهن کي ايندو آهي. اوهين فڪر نه ڪريو آخر ڪار انسان جي ئي ڪم ايندو آهي. نشا پڙهڻ ماءُ کي پنهنجي گهر ۾ پناهه ڏني.

نشا پنهنجي گهر ۾ ئي هنر جو اسڪول مرڪز هلائيندي هئي - ان ذريعي هن ڪيترن ئي- سهارا عورتن کي روزگار مهيا ڪيو هو. نشا ڪنهن به بزرگ عورت کي تڪليف ۾ ڏسندي هئي ته پريشان ٿي ويندي هئي. هن کي پنهنجي ماءُ ياد اچي ويندي هئي. جڏهن ٽيليفون وٽي نشا کي پاڙهيو ۽ لائقيءَ لڳائيو. هن جڏهن ته پنهنجي پيءُ جي باري ۾ ڄاڻڻ چاهيو ته سندس ماءُ جي اکين ۾ پاڻي تري ايندو هو. هوءَ اداس ٿي ويندي هئي. ڄڻ ڪا ڳالهه لڪائيندي هجي. نشا کي پنهنجي ماءُ سان بيحد پيار هو. هن ماءُ سان واعدو ڪيو ته آئينده ڪڏهن به پيءُ جي باري ۾ نه پڇندي. سندس ماضيءَ جا ورق نه ورائيندي - ۽ نه وري هنا جي من ۾ ڪڏهن کي گمان پيا وڌيڪ ڄاڻڻ جي تمنا پيدا ٿي. هن لاءِ سڀ ڪجهه ماءُ ئي هئي.

هنا سان گڏ ڪاليج ۾ اشوڪ پڙهندو هو. انهي هڪ ٻئي کي چاهڻ لڳا. ٻنهي زندگيءَ جي سفر ۾

پنهنجي درد جو داستان بيان ڪيو ته اُنهن جي اکين مان آب ڇلڪي پيو.

هيءَ آهي دادي نرملا .... جنهن پوري ٽيهن کان اڳ، ٽي نرملا اوڇنگارون ڏيئي روئڻ لڳي. وشواس گهات.... مون سان وشواس گهات ٿيو آهي. هن پنهنجي زندگيءَ جي ڪتاب جا ورق ورائي ڇڏيا .... سڀني جون نظرون سندس چهري تي کپي ويون.

”امڙ ۽ بابي جي گذاري وڃڻ کان پوءِ مون پاڻوءَ کي ڏاڍي لاڏ ڪوڏ سان پاليو. اسان جي عمر ۾ اٺٽرو فرق ڪونه هو، پر مون وڏيءَ ڀيڻ وانگر نه، بلڪ ماءُ وانگر هن جي سار سنڀال لڌي. پنهنجون خوشيون هن مٿان قربان ڪيم. پاڻوءَ جي لاڏقي لڳڻ ۽ گهر آباد ڪرڻ لاءِ مون زندگيءَ جي سفر جي هم سفر کي ڀيڙي ڇڏڻ لاءِ مجبور ڪيو. پاڻ جي مٽي تي مڪمل ٻڌڻ جي ارمان ۽ خواهش لاءِ مون زندگيءَ جو اهي ٻها سرمايو وقت جي ڦارا ۾ لوڙهي ڇڏيو. پر شاديءَ کان پوءِ زال جي چوڻ تي مونکي روٽي ٽڪر لاءِ محتاج ڪيو .... پاڻيءَ جو چوڻ هو ته مان هن جي سکي سنسار ۾ رڪاوٽ آهيان. ڪلهه پوري زندگيءَ ۾ ڪمبو آهيان. هڪ ڏهاڙي پاڻي پاڻوءَ کي ڇڏي رهي هئي............

جاڳائڻ لڳي - اسان زندگي جيئڻ لاءِ آهي. پريم ماڻ کي هنن جي مرڪز ۾ ڪم ڪندڙ انهن عورتن سان ملايو. جيڪي زندگيءَ مان مايوس ٿي جيئڻ لاءِ ڪم ڪرڻ لڳيون. غم ڀلائي زندگيءَ سان نڀائي رهيون هيون. جڏهن نشا پريم ماڻ کي انهن عورتن سان ملايو ته هن جي ذڪ، جو احوال ٻڌي هنن جا چهرا سنجيدا ٿي ويا. نشا شايد اهو ڀلجي وئي هئي ته زندگي گهارڻ ۽ ماڻڻ ۾ وڏو فرق آهي. هن ڪڏهن ڪنهن کان جاڻڻ جي ڪوشش ڪانہ ڪئي هئي. پر اڄ انهن چهرن پٺيان سنجيدگي جاڻڻ جو هن ته پهچايو.

نشا پريم ماڻ کان پوءِ انهن جي زندگيءَ جا ورق ورائڻ چاهيا. انهن جي زندگيءَ جي ناول جا باب پڙهڻ چاهيا. ڪردارن جي مايوسي ۽ نا اميدي واري سفر ۾ هم سفر بڻجڻ چاهيو. جن لاءِ هن اڄ تائين صرف ان وقتن جي روئي ڪافي سمجهي هئي. انهن جي ماضيءَ ۽ زندگي جي حادثن جاڻڻ جي ڪوشش نہ ڪئي هئي. چهرن تي صرف نهراءَ ڏٺو ان پٺيان غمن جو کهڙو اٿاهه ساگر هو تنهن باري ۾ جاڻڻ جو ڪڏهن ڪين سوچيو.... اڄ الائي ڇو انهن سان گڏ ويهي رهي. نہ چاهيندي نہ هڪڙي زندگي جاڻڻ جي اڪير ۽ لالسا پيدا ٿي. جڏهن پريم ماڻ

مان هر اينديڙ رات سان لڙهن سيج سجايان ها ۽ هر
اٿين صبح سج اڀرڻ سان ضمير جي جاڳڻ تي چڪيا
لي چڙهان ها. ان ڪشمڪش ۾ اندر جي ڌڙڪڻ ۾
وڃان ها ڦاسندي .... اڄ هيءَ محنت ڪش سيتا سيتا
نه هجي ها پر .... پر سيتا سڌ ڪا پري روئڻ لڳي.

تنها جون اکيون ڦاٽي ويون، ڏاڍن ۾ آگريون
ڏيندي چيائين اي ڀڳوان! آن نيچ عورت ڪري
پنهنجي اولاد، جگر جي ٽڪري ليلاڻيءَ کي الڪار
۾ ڌڪڻ چاهيو.

پرلم ماءُ چيو ها پت صرف عورت لاءِ .... مرد
جي اکين لي پڙدا چڙهي ٿا ۽ جن ۽ پوءِ ڌيءَ پٽڻ
جو لحاظ ۽ ديد لي لسو ٿي رهي. اهو پهرين وارو
زمانو نه رهيو آهي. گڏيل ڪٽنب جو وڇار ٽٽي
رهيو آهي.... اڄ اسين پاڻ کي اڳي کان وڌيڪ تعليم
يافته، ترقي پسند ۽ مهذب ڀانئيون ٿا.... پر اسان جي
زندگيءَ جا ملهه ۽ اخلاقي قدر وڃن ٿا ڪرندا.

اها رات تنها ئي آراميءَ ۾ ڪروٽ بدليندي
گذاري ۽ هوءَ سوچيندي رهي. اڄ ڏينهن ڪائين هن
اهو ڀانئيو هو نه هن ئي سهارا مظلوم عورتن کي سهارو
ڏيڻ ڪوڙها اکهي جڙيا آهن. سڪي روٽي ميسر ڪٿي
آهي .... پر نه .... تنها ٻامل هئي. هن ان وقتن لاءِ روٽي

"پاڻ نه شادي ڪانه ڪئي آهين انهيءَ ڪري اسان جي خوشين ۾ اڙهي آهي. مونکي نه اصل هن جي نظر ئي نه ٿي وڻي. اسان جي سڪي سنسار ۽ پيار کي نظر لڳائيندي."

نرملا روئندي چيو- ڀڳوان ساکي آهي مان هن جي پيار ۾ اڙهي ڪوانه هيس. مونکي وڪيه وڪيه لئي طعنا هنيا ويا. ڏاڏڻ ۽ مهڻل ڪسن جا خطاب ڏنا ويا.... انهيءَ ٻاڻل سان ڪمر لاتون هڻندو. مون پنهنجي زندگي سولي ڪري پاڻ کي سيج سجائي.... اگر مان پنهنجي ذلت ڀري زندگيءَ جو بيان ڪيان نه ڏونگر ڏري پون.... مرن کي به مات اچي وڃي.

نما جي والدان رڙ نڪري وئي. الله ڙي!! جنهن پڻ پنهنجي زندگيءَ جون خوشيون قربان ڪري سنڌس زندگي سنواري تنهن پڻ ڪسي زال جي چوڻ تي در در جون ٺوڪرون کارايائين.

ها زال جي چوڻ تي مونکي پنهنجي ڀيڻ گهر مان ڪڍي ڇڏيو. سيتا جو سڀ ڪسي بازاري حسن جي رونق ٻڻائڻ چاهيو. منهنجي ماڻي جسي ماڻهو ٺڪن ٿي ورلل عورت جون خواهشون پوريون ڪرڻ لاءِ - نما ڏڪندي اوهين اگر سهارو نه ڏيو ها ته.

اشوڪ تـــون جذباتـــي ٿيڻـــي رهيو آهين .
تنها، جذباتي اٿڻ جو سوال نه آهي. مان سڀ
ڪجهه ڇڏڻ لاءِ تيار آهيان.

سڀ ڪجهه .... ؟

ها، سڀ ڪجهه .

تنهنجي ماءُ ؟

ها، امان کي به .

ماءُ کي به، ڇڏيندين ؟

ها اهو منهنجو فيصلو آهي، امان کي به ... صرف توسان زندگي گهارڻ لاءِ مان هر چيز تياڳيندس. زندگيءَ جي ان رات لاءِ .... ميلاپ لاءِ .... جنهن ميلاپ لاءِ مان مدت کان وٺي تڙپندو رهيو آهيان. اُن حسين رات جي تمنا ۾ تڙپندو رهيو آهيان .... تنها ان کان پوءِ دنيا ۾ سج اُڀري نه اُڀري. مونکي ڪنهن جي پرواهه ڪانهي.

تنها ٻه قدم پٺتي هٽندي چيو، ” اشوڪ مان توسان شادي نه ٿي ڪري سگهان.“

”تنها ! هي تون ڇا چئي رهي آهين.“

اهوئي نه مون وٽ تو لاءِ ڪا جاءِ ڪانهي.

هيءَ سزا ڪهڙي ڏوهه لاءِ ؟ منهنجو گناهه ؟؟

نه مرهم ڪٿي پَر رکي درد، اندر جا گهاوَ نه ڀري سگهي؛ نه ٿي اهي گهاوَ ڀرڻا هئا. هڪ عورت جي ٽٽل ڀاڳ سان ٻي عورت جي زندگيءَ جو داءُ.... سودو... ڪنهن هڪ جي زندگي اڌوري — عذاب .... لڙڪ؛ مرڪ جو سودو.... ٽوٽو اڻ پورو.

ٻئي ڏهاڙي صبح جو جڏهن اشوڪ لتا وٽ آيو ته لتا جي اکين ۾ نهاريندي چيائين - لتا لڳي ٿو تون پوري رات سوچيندي رهي آهين. رات جاڳندي ڪاٽي اٿيئي. تنهنجون اکيون ٻڌائي رهيون آهن ته تو ننڊ ڪانه ڪئي آهي. اسان جي وڇڙڻ ۾ ڪيتري نه هڪ جهڙائي آهي - مون پنهنجي فيصلي کان مائٽن کي آگاهه ڪيو آهي. هاڻي اسان کي هو الڳ نه ڪري سگهندا. منهنجي زندگي تو بن اڌوري آهي، اڻ پوري آهي. مان تو لاءِ هر ڪا ڳالهه ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. سڀ ڪجهه تياڳيندس.

لتا اشوڪ جي چهري طرف نهاريندي چيو.... اشوڪ سڀ ڪجهه تياڳيندين؟

ها بلڪل! مونکي تون کپين. لتا صرف تون! مٽ مائٽ خاندان سڀ ڪجهه ڇڏڻ لاءِ تيار آهيان. تون زبان مان هڪ اکر نه ڪڍ. پنهنجي خواهش جو اظهار نه ڪر.

ڪڏي ڪريما

ننڍي هوندي کان ٿي امڙ جهڙي واڻان اکر "ڪڏي ڪريما" جو نالو ٻڌندا پيا اچون. اگر ڪڏهن ٻڪڻ وانگر ڪجهه گهرڻو ته امڙ جي واڻان ازخود لفظ نڪرڻو وڃن "آهين ڪا ڪڏي ڪريما." پس اسان ۾ ٻاڙن ۾ ٻيهرن هڪ ٻئي تي نظر رکڻ شروع ڪئي. اگر ڪو ڪنهن شيءِ ڪار لاءِ الاڙو ٿيو ته شروع ٿي وڃون آهين تـه ڪا "ڪڏي ڪريما". جڏهن اهو لفظ عام ٿيو ته ان ٻهاڪي جي معنوي جاڻڻ لاءِ دل ۾ تمنا پيدا ٿي. هڪ ڏهاڙي اصل امڙ کان ان ٻهاڪي ۾ تفصيل جاڻڻ جو پڇيو. امڙ اوهين اهو جملو ڇو استعمال ڪندا آهيو. امڙ وراڻيو، لال هيءَ انهن ڏينهن جي ڳالهه آهي جڏهن مان ننڍن شادي ڪري شهداد ڪوٽ آيس. گهر ۾ ڪريما نالي مائي ايندي هئي. ٻئي گهر ڪندي هئي. انهن ڏ ڏٽي جا ڏال گدج هيس. ٻئس ليهدار هوس. ٻـر

”گناهه! منهنجو سڀ کان وڏو گناهه اهو آهي ته جنهن ماءُ توکي ڏهه مهينا پيٽ ۾ سانديو، اوجاڳا ڪري تڪليفون ونيون جنم ڏنو، پاليو، نپايو تون ان ممتا جو نه ٿي ڳلو گهوٽي پيار جي سيج سجائڻ ٿو چاهين. انهيءَ جو قرض چڪائڻ بدران پيار جو تاج محل اڏڻ ٿو چاهين. صرف ان رات لاءِ .... ميلاپ لاءِ .... اشوڪ مان اهو ٿي نه نه ٿي چاهيان.

منهنجي دل جا دروازا تو لاءِ هميشه هميشه لاءِ بند آهن. سهاڳ رات جي سيج جي قيمت ماءُ جي ممتا کان وڌيڪ نه آهي. هتان هليو وڃ. انا منهن موڙي ڇڏيو.

مان ڪرڻا جو حصو ضرور نڪري. پهو ته، پهو ڳالهين
جا ماڻهو به نه ڇڏي. ڇوي ڳرهاڻي توهان جون ڳالهون
انڌا ماڻهو ڪالهه ڏيون ته پٽارن جو پيٽ ته، آٿرڇي
پوندو، به ٿي ماڻهو ڪٽي وڃي ڳالهڙيءَ کي ڪارائيندس.
ڪرڻا جي ان ڪتاب تي چڙ لڳي پر ڪڏهن ڪل
اڇيو وڃي.

هڪ ڏهاڙي امڙ ڇيو پارو توهان کي ته خبر آهي
اوهان جو ڏاڏو وڏو حڪيم هو. هڪ ڏهاڙي ڪين
ڪک ڦاهيندي ڏٺائين. ڇپائين مٿر ڏاڍي سخت تي
پيٽي آهي ڪو ڪک وغيره هجي ته ڏيو. پس،
اوهان جي ڏاڏي جو پارو چڙهي ويو.

امڙ ڇيو ڪرڻا جي ان علت کي ڏسي مون کي
اهو سبق مليو ته پارن جا ننڍي سوڌي پيٽ پرپال هجن.
ڪتاب نه ڪن. انهن تي ڪڙي نظر رکڻ شروع
ڪيم ته مٿان ڪڏي ڪرڻا واري عادت پوڻ؟
پوءِ ڇڻ چڱن انهن ڪند ڪٽڻ مشڪل ٿي پوي.
مثال جو پار سڪڻ وانگر دل ڪن. امڙ جي پارن
تي ڪڙي نظر.

ڪڏي ڪرڻا جي قصي پڌ ڪان پوءِ اسين
به خبردار ٿي ويا سين ڪٿي ڪڏي ڪرڻا جو لقب
نه ملي. ڪڏهن نه مِن پر واڇار ايندو هو نه واڇاري

انسان عادت کان مجبور ھن جي گھر گھر لئي وڏي
اميءَ کي ڪاوڙ لڳي ھڪ ڏھاڙي امي ڏٺو تہ ڪُتيءَ
۾ مکڻ وجھي ڪائي رھي ھئي. ڪرشنا ڇھو - آني اچ
منھنجي طبيعت ڪجھ ٺيڪ نٿي لڳي سو جمم گھر
وڃي ڪُتيءَ ڏرو تيار ڪري ڪائيندس. وڏي اميءَ
کي ڪاوڙ لڳي تہ ڪُتيءَ لاءِ ڪنڊا ڪڍي رھي آھي.
دل ۾ ٿي ٿڌا ٿيائين تہ اچ ڪرشنا کي ڪُتي ڪاٽ
ڏيندس. ڪرشنا کي تہ ڪُتيءَ کان ٿڪائين ٿي پر
ٻار ٻيمت جي سور کان ونجي وئي. جيائين ان ميءَ
"ڪڏي ڪرشنا" جي نظر لڳي آھي. بس، ان
ڏينھن کان "ڪڏي ڪرشنا" وارو ٿڪو مروج ٿي
ويو.

ڪڏي ڪرشنا جھڙي ڪڏائپ واري عادت ٿي
سوچم وڏا کي اياٽا ڪولہ آھن. انھن جي نگاھ
اھڙن جھون کي ٿرکي ولي. گھر ۾ ان ٿکو اڇي ٿا
ڏڻ وار جي ڪا شيءِ ھجي، تہ موريءَ جا ٿوٽيندا
يا وري مھالکھميءَ جا سمت ٻوڙا يا وري اڏڻ نيچ
جا وچڙا، دلا ولکھون وغيره ڪرشنا جو حصو ضرور
اکري. ٿو تہ ٻيو شوراڙيءَ جي ٿرن ۾ اسہ اکہ
انکيو وچيس ۽ انھي ۾ شراڌن جي سوري کي ڏسي
چين ئي جيب ضرور ڦيرائي. شراڌن جي انگوڇن

ڪڻ مان هٿ ڪڍيائين. سو ڪري اکين ۽ نڪ مان
پاڻي وهڻ لڳو. حالانڪ کيس مون کان سٺيون ڦليون
ٻيون ڏيون. ٻئي ٻالهن ۾ ڇوڙا ڏسي ڪري ٻالهن کي
سٽ ڏيئي اکيون ٽمڪائيندي چيائين موهل گهڻن
ٽولن جا اٿيئي؟ مون وراڻيو ڪوڙا آهن. مات ٽـي
وئي. هڪ وار هڪ ٽڪڻ لي ويٺو هو. ٻيلهو
جون مشغوليون ۽ وقت جـي ڪمي منهنجي هار
سينگار لي مدنظر ڏيئي چڏان ٻر مان ٻـ، وٽ سمت
ڪري اهڙن موقعن لي مشغولين مان ڪي گهڙيون
ٻاڻ لاءِ چورائي ٽي وٺان. بس هٿن ۾ ڇوڙيون ٻيرن
۾ پازيب (گجراون) ڪڻ ۽ ڳچيءَ ۾ مرلين ۽ ٻـڙن
جڙيل جهومڪ ۽ هار مٿان وري وڏي جاڪوڙ سان
هٿ ڪيل اڇو گلاب جـو گـل. پنهنجو ٻاڻ کي
آئيني ۾ ڏسڻ ۾ مصروف هيس تـہ ڪوشيءَ اچي
ٺهڪو ڪيو. موڪي تـہ اصل ڦقڙي ٻئجي وئي
ٻڪدم ٻڙ ۾ اچي ٺ ڪيائين هم ٺ ٽـم ساڙهيءَ کي
ڪري سٽ ڏنائين. مون ٻڦ وچان رڙ ڪئي الله، ڙي!
ساڙهيءَ جا چڪ خراب ٿي ويندا. چٽ چمائي ساڙهي
ٻاٻان ۽ وري ڏهہ ٺ ٻيون انڪايان. گهر واپس وڙڻ
لي ٽڪجي ٽنجي ڦانءِ ٽي ڪري ٻوان چڪ ڪا
ڪوڏر هڻئي هجمر. منهنجي ساڙهي ٻائڪ چڪ غرٻب
جي شادي. منهنجي دالهن تـي ڪلي چيائين خبر الم

ڪرما کي ھروڀرو اٿين ڪري بدنام ڪيو ھوندائون.

امڙ کي ڪنڌي ڪرما جو وھنوار ڪيترو ڪٺڪيو ھوندو ۽ اھا ڳالھه امڙ ئي محسوس ڪري سگھي ٿي. پر ھو ٻولي ته ”جو تن لاڳي سو تن جاڻي“. توھان کي ڇا ٻڌايان. اڄ مان به ڪنڌي ڪرما سان منھن مقابل آھيان. ھيءَ اھا سنڌ واري ڪنڌي ڪرما ته نه آھي. پر اڄ جي جديد دور جي، غريب ۽ ڳوٺاڻي نه نه پر چڱي چوکي گھر جي شھري پڙھيل لکيل. ڪجھه ڏھاڙا اڳ مون ڪنن ۾ ٻه ٻيا ڏنگ ڪرايا. امڙ ڪنن ۾ ٻه ٻيا ڏنگ ڪرائڻ تي ناراض ٿي. ڏمرجي وئي. وري ٻيا ڇو ڪن ٽوبايئه؟ ھڪڙن لاءِ جھومڪ ۽ قلبون وٺي ٻيس ڪيا اٿيئي ايترا پائين ڪاڻ صرف وجهي ٿي ڪلڪندي. ھاڻي جھڪي مون واڙون ھيرن جون قلبون آھن سي اڳو ٻوه پائي ڇڏ. گھڙي گھڙي لاھه پاھه نه ڪر ۽ ھڪدم قلبون ڪيئي پائڻ لاءِ ڏنائون.

بس، اوھان کي ڇا ٻڌايان جڏھن ٿي ڪوشش ڪنن ۾ اھي قلبون ڏنيون ته ھڪدم ڪنن ۾ ھٿ وجھي ڇڪائين واھه جون قلبون اٿيئي. منھنجي ته رڙ نڪري وئي. الله ڙي مري وڃي ڪن ٽا سور ڪن، اڃا ھاڻي ٽوباڻا آھن. داڻھن ڪوڪ ٿي مس وڃي

پاڻياٺي دل ۾ دريا ڏار. محمد جو مذاق اڏائي رهي
آهين، گهڻا گهايل ٿيندا؟ ٻالڪ ٻرڪشر لـــي ڪنٽرول
ڪندي دل ٽي ٻٽر رکي ڇم اڄ ٽالين ڪنهن ڪـــي
گهايل ڪونه ڪيو آهي ۽ نه وري ڪرڻ جـــو ارادو
آهي. اهي ٻيڪار جا ڪم ڪونه ڪريان. اڃان جملو
پورو ٿي ڪونه ڪيم نه موڙو ڏيندي چيائين ٻيڪار
جا ڪم؟ گهايل ڪرڻ ٻيڪار جا ڪم آهن. ٻيڪار
جا ڪم لـــ، ٽون ڪاڳـر ڪارا ڪري ۽ هي سوشل
سروس جا ڪم ڪري رهي آهين. جنهن مان نه ڪي
وري نه ڪي سري. اجايو وقت وڃائي رهي آهين
زور سان ٽولت هٽي ٽهڪ ڏيئي چيائين چتران چري!
محمد جو نه سدس ٽهڪن لـي پارو چڙهڻ لـڳو. مون
جو ٻاري ٻاڪس مان موٽين ۽ اٽن جٽيل جهومڪ ۽ هار
ڪڍي پائڻ شروع ڪيو. محمدجي هار پائڻ ٽي ڪوشيءَ
جون اکيون چمڪي اٿيون. اڙي واهه هيءَ سيٽ ڪٿان
گهراٻـــو اٿيئي؟ مـــون وراڻيو ٻغداد مـــان.
ٻغداد جو ٽالو ٻڌي اکيون چمڪي اٿس ۽ وري
چيائين هيءَ مٺايءِ هيرن جي اٿيئي. مون چيو لـــ،
آفريڪي ڊائمنڊ جي آهي. ڏاڍا مهانگا هوندا؟ مون
چيو ها پر ٻين هيرن جي ڀيٽ ۾ گهٽ. ڪلي چيائين
اڄ لـــ ٻغداد جي ٻصري جي حور ٿي لـڳين.
لوڪي حمر آهي شاهه جهان ممتاز محل جي ياد ۾

خبر اٿم توکي سانڍهي پنڌ ڪرڻو اچي، تون جنهن جي ملڪ سنڌ ۾ ٻڌي واري ماحول ۾ رهين. تون ٻهراڻ سلوار ڪڙتا. ڪر ته خبر هجيئه سانڍهي پيور ملڪ جي آهي نه؟ مون چيو نه آرنيٽيشل. ڪار ڪميشن سنا لڳا ڪري ورلم. هرويرو ايتري مهانگي ڪانهي جيتري تون ٻانئين ٿي. منهنجو ٿار سينگار جاري هو. نيل پالش ڏسي چيائين امپورٽيڊ آڻي نه؟ مون وراڻيو- هتان ئي ورتي آهي. لپسٽڪ؟ لپسٽڪ به هتان ئي ورتي آهي. رڙ ڪري چيائين ته الي! Shade ته ڏاڍو سٺو آهي. مون موت ۾ ڪنڌ ڌوڻيو. اچا پرفيوم جي بوتل کڻي لڳائي رهي هيس ته سٽ ڏئي ٻهن جي مٿان کڻي ٻرنيائين. مون رڙ ڪري چيو، بس بس اها ايتري نه لڳائي آهي. ڪوشي توري.... توري.... پورو ڪمرو خوشبوءِ سان معطر ٿي ويو. مان دل ئي دل ۾ روئندي رهيس هڪ ته پاڻ تن ايالي سالن ولائت مان اچن نه هڪ اڌ بوتل کڻي اچن مان ڪنجوسي ڪري تورو تورو لڳايان. دل ۾ يا حسن يا حسن ڪيم. اصل منهن ئي لهي ويو. ڪوشيءَ کي مون ٿي ديا نه آئي. چهرو لعل ڏسي چيائين خبر ته آهي اڄ ڪنهن جي قتل جي واري آهي. محترم الله جاڻي ڪيترا خدا جا ٻندا هوش حواس وڃائي ويهندا. دل ۾ جهڪ ڪاٽيندي چيم.

اڄ کُليون اکيون

لئي صبح جي آمد ...... اُسر جو ويلو ...... ديوي ديوتائن جو ويلو .... اُسر ويلي انوکو منظر .... اڄ کليل اکين جو سامهون ذهن ڏٺو ..... عجيب منظر ..... وياڪل من .... احساس .... جذبات .... الڳ ڪائنات جي ويا ....

هڪ عورت جي جسم مان سون ٽمڪي خون جا قطرا ٽمڪي وارا .... عورت نڍال .... لاچار .... مجبور .... بي سهارا .... اي ڀڳوان ڪير آهي .... هيءَ عورت .... بيٽس عورت جي اهڙا لوڙها ڏسي منهنجي واتان دانهن نڪتي هن ابلا لئي ۽ لاچار جو پيا ڪن. منهنجي اهيءَ دانهن لئي مٿان ۽ مٿي آواز جو جواب - هيءَ منهنجي ماءُ آهي.

منهنجي ماءُ!

ها! منهنجي جيجل ماءُ.

منهنجي جيجل نه منهنجي قريب آهي.

تاجمحل ٺهرائڻ وقت بغداد مان يعقوب، عتيق، موتي ۽ قيمتي پٿر گهرائي تاجمحل ۾ جڙايا هئا.

جهونڪن ۽ هار لئي لفظ وجهڻ آئيندي کان ڪجهه جاڳڻ لئي چاهيو ان وچ ۾ ڪوشش ۽ ا، ڪٿي هر نــ ڪٿي تہ هار ۾ ڪري هٿ وڌائين. موتين جون لڙهون ٿٿي پٽ پيون. منهنجو تاجمحل واري ۽ جهڙي پيار وانگر لڌي پٽ پيو. مان بغداد جي موتي، يعقوب گوميد سان جڙيل جهومڪ ۽ هار پائي پنهنجي شاهه جهان اڳيان و ڃان وڃان لڌهن کان اڳ ئي ڪوشش ۽ منهنجي مستقبل جي عظيم يادگار تاجمحل اڏجڻ کان پهريان ڏاهي پٽ ڪيو. مان ماضي ۾ موتي وانس، مون ان وقت "ڪٿي ڪرنا" کي ياد ڪيو جيڪا اڄ ڪوشش جي روپ ۾ منهنجي اڳيان موجود هئي.

آهن - پر .... پر اهي مهذب، نيڪ ۽ لاچار، خدا جا پيدا آهن.

منهنجي ان ردي عمل تي مٺڙ آواز جي ٽهڪن جي مٺڙ جهنڪار سان واهو منڊل گونجي اٿيو. مٺڙ آواز چيو سڀ انهن ٿي چوندا آهن. تون به اکيون ٻوٽي ڇڏ. منهنجي ماءُ کي نه ڏس. پيٽڙ ڏني اٿهن ڪوڙي دردن کي خون....

منهنجي ماءُ!!!

ها!

هي دردا منهنجي ماءُ جو خون پي رهيا آهن؟ تون جيجل کي ڇڏائين ڇو نه ٿي؟

اوچتو چئني دشائن ۾ روشني ٿي روشني، چارون طرف نُور ڦهلجي ويو. فضا خوشبوءِ سان معطر ٿي وئي. اتر دشا مان آواز آيو. اهو ٿي ساڳيو مٺڙ آواز. ڏس ڏس هن طرف ڏس، منهنجي سرتي اچي وئي آهي. جنهن تي نگاهه قربان ٿئي، اکيون چرخ ڪنديون منظر .... وهان ٿي هيرن جواهرن جي ڍيرن سان جهنجهيل هڪ حسين عورت ....

منهنجي وائان بي ساخته نڪتي - الله! پري .... پري هي مٺو آواز ڪنهنجو هو؟

سندرتا جي ديويءَ مسڪرائي انڪار ڪندي چيو

منهنجي ماءُ کي اگر ڪم هٿ لاهي نہ مان ان
جو موچڙن سان ڏون ڀڃي ڇڏيان. ان جو چهرو
بدصورت بڻائي ڇڏيان. مان ان جون اکيون ڪڍي
ڇڏيان. مان ان جو خون ڪري ڇڏيان.

مٺو آواز چيو- تون ان عورت کي نہ ٿي سڃاڻين.

نہ، مان ان کي بلڪل نہ ٿي سڃاڻان. مونکي نہ
هن بابت ايترو ئي رحم پيو اچي- ۽ هيءَ بيا ماڻهو!
....جيڪي ان وحشي عمل ۾ شريڪ ٿيڻ کان انڪار
ڪري رهيا آهن. منهن موڙي ڀڄندڙ مرد- ۽ دامن
ڇڏائي ڀڄڻ واريون عورتون- اهي- باغي آهن.

باغي!....

ها- اهي مرد ۽ عورتون باغي آهن. هن عمل
خلاف بغاوت ڪرڻ وارا- زماني سان قدم ملائي
هلڻ کان انڪار ڪرڻ وارا.... ديوانا.... تون انهن جي
دردشا نہ ٿي ڏسين- منهنجي اکين آڏو آهي. خون
پيئڻ کان انڪار ڪري منهن موڙي ڀڄڻ واران
عورتن جي جسمن ۾ هٿ وجهي انهن جون چادرون
لاهڻ- انهن کي بي آبرو ڪرڻ ۽.... ۽ ٻئي طرف منهن
موڙي انڪار ڪري ڀڄندڙ باغي مردن کي مارڪٽ،
لعنت ۽ انهن جو منهن ڪارو ڪرڻ.

انهن مردن ۽ عورتن جي اها دردشا ڏسي منهنجي
واڳن رڙ ڪئي- هي مرد ۽ عورتون باغي نہ، نہ

واري سندر ديويءَ هيرن جواهرن سان جڙيل پريءَ طرف مونڏي ڦيرو — هيءَ آهي منهنجي ساهيڙي لڪشمي .... ڏس مان تنهنجي ڪيئن ٿي مدد ڪريان. ها هميشه لاءِ، تنهنجي مدد نه ٿي ڪري سگهان، في الحال هن مظلوم عورت کي جيئرن مان جان ڇڏائي رهي آهيان.

مان گوڏن ڀر جهڪي ڦيرو — ٿليءَ آهين ديوي تون.

ان تي هن وراڻيو - مان توهان کي هڪ صلاح ڏيندس پنهنجي مدد پاڻ ڪريو، نه ته پڇتائيندو .... لڪشمي اهو پنهنجو هار نه ڏجانءِ.

۽ ڏسندي ئي ڏسندي هيرن ۽ موتين سان جڙيل هار ٽوڙي داڻو داڻو ڪري زمين تي ڦٽي هيرا جواهر ڦٽا ڪرڻ شروع ڪيا ۽ اک ڇنڀ ۾ ان عورت جو خون پيئڻ ڇڏي ڪري وحشي درندا هيرا جواهر چونڊڻ ۾ اچي لڳي ويا جيئن رامائڻ ۾ بيان ڪيل منظر. جڏهن ۾ سيتا جي راوڻ طرفان هرڻ ڪرڻ تي سيتا ماتا طرفان پنهنجا گهڻا ڦٽي ڪرڻ تي وانر سيتا زيورن چونڊڻ تي لڙهجي پئي.

ڏسندي ڏسندي اکين آڏو منظر بدلجي ويو - ان مظلوم عورت جو جسم جيئرن جي خون پيئڻ کان ه

نه. منهنجي ساهيڙيءَ جو ۽ مڙي ڪري هنس تي سوار سرسوتيءَ طرف اشارو ڪيو.

هن چيو ماءُ کي نه ڇڏائيندينءَ. اهو. ساڳيو مگر آواز.... وارو منجهل رهڪ پيرو وري مگر جهنڪار.... ماءُ کي نه ڇڏائيندينءَ .... آواز جو پڙاڏو .... ماءُ کي نه ڇڏائيندينءَ ... ماءُ... ما ... ءُ ... ءُ... منهنجي ماءُ؟ منهنجي ماءُ نه، منهنجي پر م آهي.

اڙي، تون هن کي سڃاڻي نه ٿي سگهين؟

مان اهو نه ڏسي رهي آهيان ته ڪوئي درلدا أن مظلوم عورت جي لهوءَ جي پولد پولد پسي رهيا آهن.

مگر آواز جي هڪ پيرو وري گونج.... ماءُ کي نه ڇڏائيندينءَ !!!

مان!

ها!.... تون!!!

مان اڪيلي آهيان اڳيم تي اهي وحشي درالدا انڪار ڪرڻ وارن جي پري دردشا ڪري رهيا آهن ۽ عورتن کي بي آبرو ڪري رهيا آهن ۽ مان.... مان پلا پين جي پاهرم چو نپو ڏيان .... مان نه ڪمزور .... ۽ اڪيلي عورت آهيان.

منهنجي ان جواب تي هنس تي سوار مگر آواز

وحشي ڪبر ؟

اعجاز ايماندار، رحمدل ۽ نيڪ انسان هو. قسمت جي مار، وقت جي ڌارا ۽ زماني جي گردش هن جا پيءُ ماءُ، مال ملڪيت، ٻيئون ٻار، تباهه ۽ برباد ڪري ڇڏيا. ٻوڏ جو قدرتي قهر پوري ڳوٺ تي نازل ٿيو. حالات ۽ وقت سان منهن ڏيندي هن همت نه هاري ۽ پنهنجي محنت ۽ مشقت سان روزي روٽي ڪمائڻ لڳو. نه صرف ايهو پر هن پنهنجو اجهو ٻيهر اڏيو. ان ننڍڙي خوبصورت آشياني جي مالڪياڻ هئي سندس گهر ڌياڻي روبينا ۽ اڱڻ ۾ ٽڙندڙ نازڪ ٻوٽو سندس معصوم ڌيءُ شبنم. ان خوبصورت گلستان جو مالهي بڻجي هو رکوالي ڪرڻ لڳو. انهن نه روبينا ڪا حسن دوشيزه نه هئي ۽ نه وري ڪو اعجاز حسن جو پوڄاري يا شيدائي. هو خدا ترس نيڪ بندو هو. روزي روٽي ڪمائي پنهنجي شريڪ حيات جي حوالي ڪندو هو. اعجاز مٽل مائٽن جي خواهش کان ڏور، ماضيءَ جي اولاهي ڏور کان دامن ڇڏائي

پوءِ اهن ٿي ويو هجي جڏهن انسان جي جسم لئي جوڙن لڳڻ کان پوءِ خون پيئڻ کان پوءِ جوڙن جا نشان رهجي ويندا آهن - اها عورت نڊيال ٿي ڪنبڻ ڪرڪڻ لڳي - ٻئي طرف آهستي آهستي سج جي لالاڻ کي ڇمڪندڙ تيز روشنيءَ ڳرڪائي ورتو.

؟ .... ؟ اُن تيز ٽڪيءَ روشنيءَ اُن واٽو مشعل کي ٻه اندر سمائي ڇڏيو .... منهنجون ” اَڌ کُليون اکيون “ پوريون کلي ويون .

۽ چار ديواريءَ اندر قيد ڪري موٽڪي نه توهان ٻنهي برقعي واري ٻٽائي ڇڏيو آهي. زمانو ترقي ڪري ويو، اسين آهيون جو جهونن وانگر رسمن کي چنبڙيا پيا آهيون. نه ڪنهن وٽ اچ نه وڃ. صبح شام ويٺو پيٽ ٽڪر جو فڪر. پيٽ ڪاڻي پيٽ ڪاٺ”.

اعجاز چيو- ”روبينا، وڏڙن جو ڳوٺ جي وڏيري سان دعا سلام هو. اُن ڏاڏن کان وٺي هڪ ٻئي کي سڃاڻون. تون انهن جي پاڻ سان ملڻ هلي ويندي ڪر. ملڻ ڪرڻ سان واقفيت به ٿيندي ۽ هن ماحول کان ٻاهر نڪرڻ تي تنهنجو من به لڳي پيندو. منهنجو نه پنهنجي ڌيءَ سان ڳالهيون ڪندي ٿي وقت گذري تو وڃي”.

اُن تي روبينا چيو- ”اوهان ڪم سانگي گهر کان ٻاهر نه نڪرو ته پو مان ڪيڏانهن وڃان ؟”
”تون به مون سان گڏ معصوم شبنم جون پيارڙيون پيارڙيون لاليون وٺي پڙ”.
اعجاز ۽ روبينا ۾ روز اِن ڳالهه تي تڪرار ٿئي، پر اعجاز مسڪرائي ڪن لاٽار ڪري ڇڏي. وقت گذرندي ويرم ٿي نه ٿي. شبنم مکڙيءَ مان ٽڙي گل ٿي.
ڳوٺ جي وڏيري علي گوهر جي پٽ جي شادي

مستقبل جي شمع روشن ڪرڻ لاءِ محنت مزدوري
ڪرڻ لڳو. رب جي رضا تي راضي رهي، مالڪ جا
شڪرانا مڃڻ لڳو.

ٻئي طرف روبينا جي سوچ ۽ نظريو الڳ هئا.
هوءَ هر وقت اعجاز کي ماضيءَ جي ياد ڏياريندي
رهندي هئي- ”توهان جي وڏن جي ڪچهري نه
ملڪيت هئي ۽ اڄ اسان وٽ ڪجهه به ڪونه آهي.“
اعجاز کيس سمجهائيندي چوندو هو- ”روبينا وڏن
جي ملڪيت وڏن سان ولي. ڪهڙ جاءِ سڀاڻي ڇا
ٿئي. بادشاهه فقير ٿيندي سگهي ٿو ۽ فقير بادشاهه“

روبينا کي اعجاز جون اهي ليڪ صلاحون بلڪل
ڪون وڻنديون هيون. هن جي من ۾ ڇورو ٺي. تي
ڪلاڪ محل ماڙين جا خواب وڏا ڏسندا هئا.
اڻين نه روبينا جو واسطو تمام غريب گهر سان هو
پر هوءَ هميشه دولت، شهرت ۽ شهري زندگيءَ لاءِ
اي ڇڪ هوندي هئي. هن اعجاز جي ته ننڊ حرام
ڪري رکي هئي.

هڪ ڏهاڙي هن اعجاز کي چيو- ”ڇا ڳوٺ جي
هيءَ زندگي به ڪا زندگي آهي. منهنجو ته گهر جي چار
ديواريءَ ۾ دم پيو گهٽجي. الله جاءِ هن گهٽ
سهولت واري ماحول کان ڪڏهن نجات ملندي. چادر

شبنم وراڻيو نه آئي. بابا سائينءَ کي موڪليءَ سان بلڪل لڳاءُ ڪونهي. بابا جي خواهش آهي ته مان خوب پڙهان. علم پرايان، اعليٰ تعليم حاصل ڪيان.“ وڏيري جي گهر واري روبينا ۽ شبنم جي گفتگو اڄ به رهجي ويئي جڏهن مراسڻين سهرا ڳائڻ شروع ڪيا.

سهرن جي شور گل پوري ٿيڻ کان پوءِ وڏيري جي گهر واريءَ روبينا کي چيو ڀاڄائي مان اعجاز کي ننڍي هوندي کان سڃاڻان. مون کيس سڳو ڀاءُ ڪري پاليو آهي. ادي اعجاز جهڙا نيڪ انسان ورلي ملندا. خدا جو خوف ۽ محبت ڪرڻ ته ڪو ڪانئس سکي.

روبينا چيو - ”هاڻي موڪل ڏيو ڇو جو شبنم جو پيءُ انتظار ڪندو هوندو.“

وڏيري جي گهر واريءَ چيو - ”مان توهان کي ايترو جلد وڃڻ ٿورئي ڏينديس. اهڙا موقعا روز ٿورئي ايندا آهن. ماني کائي پوءِ ويندا.“

جڏهن روبينا هميشه محل ماڙين ۽ امير پٽڻ جا خواب پئي ڏٺا، وڏيري جي گهر واريءَ جي زور ڀرڻ تي ارادو ترڪ ڪري ڇڏيو. دل ۾ چيائين روبينا اڄ ته چالديءَ جي ونن ۽ ڳالهين ۾ ماني کائي

هئي. اعجاز کي به شرڪت ڪرڻ جي دعوت هئي. وڏيري جي گهر واريءَ روبينا ۽ شبنم کي سڀني واري پروگرام ۾ نه صرف شرڪت جي دعوت موڪلي پر تمام گهڻو زور ڀريائين ته اوهان کي اچڻو ضرور آهي. روبينا ته اڳ ۾ ئي اهڙن موقعن لاءِ واجهه واجهائيندي هئي. وري جي وڏيري جي گهر واريءَ زور ڀريس ته هن جي خوشيءَ جي انتها نه رهي. روبينا جڏهن وڏيري جي گهر واريءَ کي مبارڪيءَ جي رقم ڏيندي واڌايون ڏنيون ته هن چيو، ڀاڄائي ايها رقم ته تمام گهڻي آهي، تون مبارڪيءَ طور ٻارهان روپيا ئي ڏي. پر روبينا زور ڀريندي چيو - نه - نه - ايها ڳالهه غير واجبي ٿيندي. مبارڪيءَ جو حق ته موٽائڻو آهي.

وڏيري جي بيگم صاحبه - مبارڪيءَ جي رقم قبول ڪندي شبنم طرف نهاريندي چيو "ماشا الله! نظر نه لڳيس، هيءَ ته اصل چنڊ جو ٽڪرو آهي. رب رحيم بري نظر کان بچائيس. پڙهي ڇا پڙهين؟"

شبنم ورائيو - هن سال اسڪول جي پڙهائي پوري ڪنديس."

وڏيري جي گهر واريءَ چيو - " توکي ڳالهه ته ايندو هوندو."

روبينا پنهنجي ڌيءَ جو تعارف ڪرائيندي چيو
هيءَ منهنجي ننڍڙي ڌيءَ آهي شبنم. هن سال
اسڪول جي تعليم پوري ڪندي. وڏيري مڙي ڪري
آداب ڪيو. شبنم تسليم چئي مسڪرائي ڏنو.

وڏيري جي دل ۾ شبنم جي مسڪراهٽ جو
نقش ڇپجي ويو. چيائون توهان پنهنجي صاحبزاديءَ
کي ڪاليج جي تعليم ته ضرور ڏياريندا.

روبينا ورائيو نه مشڪل آهي، جو حالات ساٿ
نه ٿا ڏين.

وڏيري جي جواب ڏيڻ کان اڳ ئي جهٽ منزل ٿي
پهچي وئي. اهو موضوع اُتي ئي رهجي ويو.

روبينا اڄ ڏاڍي خوش هئي، جو هوءَ وڏيري جي
گهر جي دعوت کائي آئي هئي. نه صرف اهو پر
وڏيرو ڪافي مهربان پئي نظر آيو.

روبينا اعجاز کي چيو- وڏيرو علي گوهر ۽ سندس
بيگم صاحبه تمام شاندار ماڻهو آهن. ملنسار ۽
مٺ محبت وارا. اوهان دعوت ۾ شريڪ ٿيڻ ويا
هئا ڇا؟ اوهان انهن ماني کائي آيا ها نه؟

اعجاز چيو- "روبينا توکي نه ڄاڻ آهي دعوت
نه ملي هئي. پر مان اهڙي ماحول ۾ پاڻ کي
ٺهڪائي ڪونه سگهان ۽ وري وڏن ماڻهن کان پري

وٽ. سڄي زندگي تون اهڙيون دعوتون کواءِ
کائي سگهندين.

ماليءَ ٽائين ترسڻ ڪري ڪافي رات ٿي چڪي هئي. وڏيري جي گهر واريءَ چيو ٻاجائي مان توکي اڪيلو ڪونه وڃڻ ڏيندس. توسان جوان ڏيئي ٿي آهي. وڏيري کي چوان ٿي توهان کي گهر پهچو ڪري اچن، جو اوندهه ٿي چڪي آهي.

روبينا دل ۾ ڏاڍي خوش ٿي. وڏيري جي گهر واريءَ سان موڪلائي خدا حافظ چئي جڏهن هن جيپ ۾ پير پاتو ته هن جو وڏيري علي گوهر سان ٽڪر ٿيو.

وڏيري علي گوهر چيو: معاف ڪندا.

روبينا چيو ڪائي ڳالهه نه آهي.

وڏيري جيپ اسٽارٽ ڪئي. جيئن ته منزل طئه ڪرڻ ٽائين فاصلو طويل هو ان ڪري روبينا جي من ۾ وچار آيو ته سفر دوران ڇو نه گفتگوءَ جو سلسلو ڇيڙيو وڃي. ماحول جي خاموشيءَ کي ٽوڙيندي هن چيو- معاف ڪندا اوهان کي ڏاڍي تڪليف ۽ پريشانيءَ ۾ وڌو.

وڏيري علي گوهر وراڻيو- نه نه اِن ۾ پريشانيءَ جي ڪهڙي ڳالهه آهي. پهچڻا ڳوٺالي آهيون.

لڳي. وڏيري جي وڃڻ کان پوءِ هن اعجاز اڳيان اها پيشڪش رکي.

جڏهن ته اعجاز ورائيو ته مگر اسين ڳوٺ ۾ ئي چڱا آهيون. شهر جي ماحول کان پري رهڻ جي لاءِ سٺو.

ان تي روبينا چيو - اوهان ته سڄي عمر ڳوٺاڻا جا ڳوٺاڻا رهندا.

گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي ڌيءَ جو ته خيال ڪريو. جنهن کي پڙهڻ جو ڏاڍو شوق آهي. اهو ته شهر ۾ ئي پورو ٿي سگهي ٿو.

اعجاز کي پنهنجي ڌيءَ سان بي پناهه محبت هئي. هن شبنم جي آئينده خاطر شهر ۾ هلڻ قبوليو.

وڏيري هن لاءِ شهر ۾ خوبصورت فليٽ جو بندوبست ڪيو. اعجاز جهڙو پنهنجي محنت مزدوري ۽ ٻانهن تي ڀاڙڻ وارو انسان هو ان جي ننڊ حرام ٿي وئي. هن کي رات ڏينهن اهو فڪر هو ته پنهنجي محنت مزدوري ڪري پنهنجي سگهه آهر اجهو وٺي ٻارن ٻچن سان گڏ رهي. هن کي وڏيري جي مدد جو هٿ ڪنڊي وانگر چڀڻ لڳو. ليڪن وڃي هٿي هلڻ ڪيائين. هن کي هڪ ڪارخاني ۾ نوڪري ملي. ڏهه ڪهري، ڇهائين پر روزگار ٻنهي جا

رهجي نه سگهو."

هن ٺهه پهه ورائيو – "ڪمال آهي مائهو اهڙن وڏن مائهن سان واقفيت لاءِ پيا واجهه وجهندا آهن ۽ اوهين آهيو جو جاڻ سڃاڻ کان پيا پري ڀڄو. رڳو پنهنجي ننڍڙي دائري جي ارد گرد پيا گهمو. اصل غربت واري ماحول سان نه لائون لڳيون اٿو."

اُن تي اعجاز چيو – "روبينا انسان کي هميشه پنهنجي اوقات ۾ رهڻ گهرجي. ٻين جا محل ماڙيون ڏسي پنهنجي جهوپڙي نه ڊاهجي."

ڪمال آهي. توهان کي ڪا ترقي جي ڳالهه چئجي ته اوهين نصيحتون ڏيڻ شروع ڪريو. هاڻي ماٺڙي ڪري خدا جو نالو وٺي رلي تاڻي سمهي پئو.

اُن ڏهاڙي کان پوءِ روبينا وڏيري جي گهر سان اچ وڃ جو ڪافي سلسلو شروع ڪري ڇڏيو. وڏيري علي گوهر اعجاز جي غير موجودگيءَ ۾ سندس گهر اچڻ جو ڄڻ نيم ئي ٺاهي ڇڏيو. هڪ ڏهاڙي روبينا کي چيائين بهتر ٿيندو اوهين گوٺ ڇڏي شهر هلي رهو. اتي شهر جي ڪاليج جي پڙهائي به ٺيڪ ٿي ويندي ۽ هن ڳوٺاڻي ماحول کان به اوهين ٻاهر نڪرندا. روبينا کي وڏيري جي اها آڇ ڏاڍي سٺي

ناگوارا لڳڻ لڳيون. روز سوچي اڄ پنهنجي ناراضپي جو اظهار شروع ڪندو. پر گهر ۾ ڪو نه ڪو اچي ٽڪاءُ ڪري هن جي ڳالهه اڌوري رهجي وڃي. روبينا اعجاز کي اشارو ڪرائي ماٺ ڪرائي ڇڏي. گهر ۾ وڏن ماڻهن جي اچ وڃ لڳي پئي آهي. توهين اُنهن سان سليقي سان پيش اچو. اعجاز جو اُن ماحول ۾ دم گهٽجڻ لڳو. مهمانن جي خاطر تواضع ڪرڻ بدران هو. گهر کان ٻاهر نڪري وڃي. هن کي شهري ماحول گهٽ ٻوساٽ وارو محسوس ٿيڻ لڳو. هُو ڳوٺ جي سادي سودي زندگي ۽ صاف سٿري فضا کي ياد ڪرڻ لڳو.

هڪ ڏهاڙي هُو جڏهن گهر ۾ داخل ٿيو ته ڏٺائين سندس بيگم صاحبه وڏيري جي نوڪرن کان فرج ۽ عاليشان غاليچو فليٽ ۾ سيٽ ڪرائي رهي هئي. اعجاز پڇيو بيگم هيءَ فرج ۽ هي غاليچو ڪنهن جو آهي. شبنم ورائيو اسان وٽ فرج ڪو نه هو ان، اڪري وڏيري جي دوست محمد زمان هيءُ فرج ۽ غاليچو شبنم جي سالگره لئي تحفي طور موڪليو آهي. اوهان ته شهر ۾ نڪي جي نوڪريءَ ۾ انهن قاعدي ويا جو ڌيءَ جي سالگره به اوهان کي ياد نه هئي.

اعجاز پڇيو- پر ڌارين ماڻهن کان اهڙا قيمتي تحفا

لک لک شڪرانو جو لو مون تي ٻاجهه جي نظر وڌي. خوشيءَ وچان گهر اچي روايتا کي ٻڌايائين ۽ پڇيائين - بيگم شبنم ڪٿي آهي ؟

شبنم ڪجهه ملهائڻ وئي آهي، بيگم ورائيو.

اعجاز جو چهرو پيلو پئجي ويو. حيرانيءَ وچان پڇيائين - "اڪيلي وئي آهي ؟"

ان تي روايتا چيو - اوهين ڳوٺاڻا شهر ۾ رهي به اهي ڳوٺاڻا خيال ڪين مٽيا اٿو.

اعجاز مايوس ۽ غمگين ٿي ويو. هوڏانهن شبنم ۽ سندس ٻيا ساٿي ڪجهه جو مزو ماڻڻ لڳا.

انهن معاشري جي هوا روايتا کي زمين تي پير پائڻ بدران من ۾ آڪاش تي اڏام واريون خواهشون پيدا ڪيون. هن نه اڄ ۾ ٿي محل ماڙين جا خواب ڏٺا. هن اتي وڏيري علي گوهر جي هڪ پٽ دوست سان جاڻ سڃاڻپ وڌائي. شهر ۾ اچي ڪري شبنم علم طرف گهٽ پر هار سينگار طرف وڌيڪ ڌيان ڏيڻ لڳي. مٿان ماءُ جون لاڏيون ورکون وڌائي جديد دور سان قدم ملائي هلڻ واريون نصيحتون نه ڪمس شهه ٿي ڏيئي ڇڏي. هوءَ ماءُ جي اشاري قدمن تي هلڻ لڳي. وڪ اڳتي وڌائڻ - وڏيري جي جمب سندس اڏايءَ ۾ لڳل هئي. اعجاز کي اهي ڳالهيون

جو روپ رنگ بدلجي ويو. هوڏانهن اعجاز جو اُن ماحول ۾ دم گهٽجڻ لڳو. هن کي پنهنجي زال جي خوابن کان خوف ٿيڻ لڳو. هن جو ذهن ۾ مونجهه هو. هو نه اُن ڏهاڙي کي کوسڻ لڳو جنهن ڏهاڙي هن ٻوٽ چڙهڻ جو فيصلو ڪيو. هو پنهنجي ماضيءَ کي ياد ڪري ٽڙڪي اٿيو. ٻوٽ جو پر سڪون ماحول ننڍو گهر هن جي اکين آڏو ڦري آيو.

روبينا جهڙي خواب ڏٺا سي هن جا شهر ۾ اچي پورا ٿيا. جنهن ڪجهه نه ڏٺو هو اُن جي زندگي رنگينن سان ڀرجي وئي. پنهنجي ذهن کي نه نصيحتون ڏيڻ لڳي ته اڄ پئسي جو وڏو مان آهي. شيم هيءَ ئي مختصر وقت اٿيئي تون اُن جو فائدو وٺي پنهنجو آئيندو روشن بڻائي سگهين ٿي. اڄ جو حال سڀاڻي تنهنجو ماضي بڻجندو.

پنهنجي ماءُ جي ڳالهين تي ڌن دولت عيش و عشرت جو خوفناڪ ڀوت سوار ٿي ويو.

هڪ رات اعجاز جڏهن گهر دير سان موٽيو ته هن جي نگاهه روبينا جي جهومڪن ۽ هار تي پئي. هن پڇيو- "هي جهومڪ ۽ هار......"

وچ ۾ ئي هن کي ڪاٽيندي روبينا چيو- "هاڻي نه آهي پر هيرن جو آهي. توهان کي نه ڳڻن ٿي

وڻڻ جي ڪهڙي ضرورت؟

اڻ ٿي روايتا مان ڪرائيندي چيو. ”توهان مهرباني ڪري پنهنجا ڪپڙا نه بدلايو. ڏسو ڪيڏا نه سهڻا ٿي ويا آهيو. گهر ۾ وڏا ماڻهو اچڻا آهن. اوهين آهيو جو بيڪار جون ڳالهيون ڪندي ويٺا آهيو. جلدي ڪريو دعوت شروع ٿيڻ واري آهي.“

اعجاز اعتراض ڪندي چيو ”ها دعوت توکي مبارڪ، مان گهر کان ٻاهر ٿو نڪري وڃان. معتبر ماڻهن جي اڳيان پنهنجي عزت نه گهٽ ٿئي.“

اڻ ٿي هن چيو. ”ڪمال ٿا ڪريو هرو ڀرو چڙهي ڄڻن اڳيان تماشو ڪري پنهنجي ڏيءُ کي طعنو ڏيڻ نه پري رهيو پر سندس خوشين ۾ به ڀرها آهيو.“

اعجاز خاموشيءَ مان گهر کان ٻاهر هليو ويو. شبنم جي سالگرهه تي ڪافي وڏا ماڻهو آيا هئا. قيمتي تحفن جا ڍير لڳي ويا. روايتا ڏاڍي خوش هئي هن زندگيءَ ۾ جنهن چمڪ دمڪ واري ماحول جي خواهش ڪئي هئي. اڄ اهو ماحول نه صرف هن اکين سان ڏٺو پر خود به ماڻيو.

روايتا پنهنجي لاڏليءَ شبنم جي ترقيءَ تي ڏاڍي خوش هئي. شبنم جي مهربانين ۾ ڏينهون ڏينهن اضافو ٿيڻ لڳو. قيمتي تحفن جا ڍير لڳڻ لڳا. گهر

ڏي ويا. اعجاز سڀني کي پنهنجي گهرن ڏي وڃڻ لاءِ چيو - ۽ در بند ڪري ڇڏيائين. اُن ڪان پوءِ ٻنهي ۾ ڪافي وقت تائين تڪرار رڙ واڪو جاري رهيو.

ٻئي ڏهاڙي اوڙي پاڙي وارا اعجاز کي ڌڪارڻ لڳا. خوني ڊرامو ۽ وحشي چوڻ لڳا. اعجاز پنهنجي زال ۽ ڌيءَ جو خون ڪري ڇڏيو. اعجاز کي گرفتار ڪيو ويو. هر ڪنهن هن جي خلاف بيان ڏنو، هن جي ملامت ڪندي چيو ته پنهنجي گهر واريءَ سان وڙهي رهيو هو. هيءُ شخص پاڳل آهي، وحشي آهي.

اعجاز کي ڪورٽ ۾ پيش ڪيو ۽ پنهنجي طرفان بيان ڏيڻ لاءِ چيو ويو.

مائي لارڊ، اُن رات جڏهن مان گهر موٽيس ته مون ڏٺو ته منهنجي گهر واري قيمتي هيرن جواهرن جي زيورن سان جڙيل هئي. منهنجي ڌيءَ اُنهن هيرن جواهرن جي قيمت ادا ڪرڻ لاءِ هيرن جواهرن جي زيورن واري مالڪ وٽ وئي هئي. جيڪي هيرا اُن شخص منهنجي گهر واريءَ کي تحفي طور ڏنا هئا. مائي لارڊ، واقعي مان انسان نه حيوان آهيان. مان وحشي آهيان، مون پنهنجي معصوم ڌيءَ جو خون

ڪونہ ايندو نہ ڪو ھنن جو ھار آھي.“

”ھيءُ تو ڪٿان آندا؟“ اعجاز پڇيو.

روبينا وراڻيو- ”وڏيري علي گوھر جي دوست محمد زمان مونکي طحفي طور ڏنا آھن.“

اعجاز چيو- ”شبنم ڪٿي آھي؟“

”گھمڻ وئي آھي.“ روبينا وراڻيو.

اعجاز حيرانيءَ مان چيو- ”رات جو گھمڻ وئي آھي.

توھان کي کھڙي خبر نہ اڄ ڪنھن جي دعوت آھي. توھين روز رات جو دير سان اچو. اوھانکي پنھنجي ڌيءَ سان ڳالھائڻ جي فرصت تو ملي أٿو. جن سان وئي آھي اھي پاڻ ئي ڇڏي ويندس، اوھانکي وڃڻ جي ضرورت ڪانہ پوندي.

اعجاز لمبي ٽوھہ ٿـــي ويو. ڪاوڙ ۾ چيائين، ”اسين سياڻي ٿي پوڻ روانا ٿيندا آھيون. مان انھن قيمتي تحفن کي باھہ لڳائي ڇڏيندس. مون کھڻو ئي برداشت ڪيو آھي.“

روبينا چيو، ”توھان جو دماغ ٺڪاڻي ڪونہ آھي، ھاڻي وڃي آرام ڪريو.“

جڏھن جي جوان ڌيءَ اڌ رات تائين گھر کـــان باھر ھجي ان جو دماغ ڪيئن ٺڪاڻي ٿي سگھي. اعجاز جي دانھن ٿي اوڙي پاڙي جا ماڻھو گڏ

مائل هوس. پر هن عورت منهنجي ايڪ ٻيءَ ۽ رحم دليءَ جو ناجائز فائدو ورتو. هن جون خواهشون ڏينهون ڏينهن وڌڻ لڳيون. دولت ۽ عيش عشرت جي نشي ان عورت جي اکين تي انڌ جا پردا چاڙهي ڇڏيا. شبنم جوانيءَ جي ڏاڪي تي هئــي، هن جا قدم ڏگمگائجي ويا. جا انڌيري کاهيءَ ۾ وڃــي ڪري. ان رات جڏهن شبنم جوانيءَ جي خمار مان سجاڳ ٿي ته هوءَ ناجائز ٻار جي ماءُ بڻجي چڪي هئي. ان رات هن محسوس ڪيو ته هن کي عيش ۽ عشرت جي ڪيڏي قيمت ادا ڪرڻي پئي. شبنم آپگهات ڪيو. هن پاڻ کي ڪمري ۾ بند ڪري ڇــڏيو. جڏهن مون پنهنجي پياري ڌيءَ جو لاش ڪمري ۾ لٽڪندو ڏٺو ته مون ان خطرناڪ عــورت کي قتل ڪري ڇڏيو. جنهن طرفان غمراه ڪن راهه ڏيکارڻ تي زندگيءَ جي داءُ پيچن کان اڻڄاڻ معصوم شبنم زندگيءَ جو انت آندو. جنهن عورت کي مون مظلوم ڄاڻي پناهه ڏنــي اها عورت مظلوم نـه پــر ڏائڻ هئي. جنهن پنهنجي ڌيءَ کي ٿي ڏنگي ڇڏيو. مون سان وشواس گهات ڪيو. اگــر مان ان عورت جي چوڻ تي خاموش نه رهان ها. اڄ معصوم شبنم جي جان نه وڃي ها. عورت جــي اي حرڪتيءَ لاءِ مرد نه

ڪيو. اڄ کان 20 سال اڳ جي ڳالهه آهي جڏهن ڳوٺ مٿان ٻوڏ جو قدرتي قهر نازل ٿيو. ماڻهن جو اَبو اَمڙ، مال ملڪيت سڀ ٻوڏ جي چپيٽ ۾ وڃائي ويٺس. مان يتيم لٽجي ويس. اُن وقت مون هڪ اَڀاڳ ٻار کي روئندي ڏٺو جيڪو معصوم قدرتي قهر ڪري سڀ ڪجهه وڃائي ويٺو هو. ٻار کي روئندو ڏسي، مون اڳتي وڌي اُن کي هنج ۾ کنيو. اُن ڀاٽيءَ جي ڀرسان هڪ عورت بيهوشيءَ جي عالم ۾ پئي هئي. مون اُن عورت ۽ معصوم ٻيڪريءَ کي پناهه ڏني. مون مصيبت جي ماريل ۽ زندگيءَ کان مايوس ٿيل انسان جيئڻ جي تمنا ڇڏي ڏني هئي. پر اُن معصوم ٻيڪريءَ ۽ لاچار عورت کي سهاري ڏيڻ لاءِ مون جيئڻ جو ارادو ڪيو. اها معصوم ٻيڪري شبنم هئي ۽ وقت ۽ قدرتي قهر جي چپيٽ ۾ آيل مظلوم عورت روبينا. معصوم شبنم تي مون کي رحم آيو. اُن ڀاٽيءَ ۽ سنڌ ماءُ کي پناهه ڏيئي زندگي جيئڻ جو فيصلو ڪيو. مون شبنم کي سڳيءَ ڌيءَ کان وڌيڪ پيار ڏنو. روبينا ڪا حسين دوشيزه ڪانه هئي نه وري ڪو مان حسن جو پوڄاري. مون اُن مظلوم بي سهارا عورت تي رحم کائي اُن کي سهارو ڏنو. مان خود قسمت جو

اِنّس ٿوُ لڀٽ

جاويد کي پنهنجي امڙ ۽ ان جي ڏاڍي مٺي لولي ۽ واري ٻولي سان ئي انتها پيار هو. هن جي دنيا انهن ٻن وسيع ساگرن ۾ سمايل هئي. جاويد پڙهڻ ۾ ڏاڍو هوشيار هو. هن کي امتحان ۾ سٺيون مارڪون ملڻ ڪري اعلى تعليم لاءِ ولايت ۾ پڙهڻ لاءِ اسڪالرشپ جي آڇ ملي. جڏهن هن اها خوشخبري پنهنجي ماءُ کي ٻڌائي ته سندس امڙ اداس ٿي وئي. پر پٽ جي آئينده جو سوچي خاموش ٿي وئي. هن جي من ۾ پٽ لاءِ ڪئي آشائون هيون. جاويد جي شادي ٿيندي، اڱڻ ۾ گل ٽڙندا. جاويد جي اولاد کي مٺڙي لولي ڏئي سمهاريندس. منهنجو ماضي موٽي ايندو. لنڊن ۾ جاويد مٿيون لاٿون اوٿدو. جاويد جي ماءُ ڳوٺاڻي هئي. هوءَ ڏيرن سان گڏ رهندي هئي. جاويد لنڊن ۾ هو جو سندس پيءُ گذاري ويو. پٽ ۾

پر اهڙين عورتون خود جوابدار آهن. اهڙين مائرون کي زنده رهڻ جو ڪو حق نہ آهي. اڄ مان بيحد خوش آهيان. مون روايتن جو قتل ڪري ثواب جو ڪم ڪيو آهي. مون ننگن کي ختم ڪري ڇڏيو. جيئن اها سماج ۾ اڳتي ڪنهن کي نہ ڏنگي.

مان ڦاسيءَ جي قيدي کي خوشيءَ سان گلي لڳائيندي سماج کان اهو سوال ضرور ڪندس تہ "وحشي ڪير" آهي؟ هن جي اکين مان لڙڪ لڙي آيا. اعجاز جا لفظ "وحشي ڪير" "وحشي ڪير" ٻڌندو ٻهجي گونجڻ لڳا.

ذهين، هوشيار ۽ محنتي ڇوڪري هئي. ٻنهي جي علمي ۽ ادبي ويچارن جي هم خيالي. جاويد ۽ مارئا کي هڪ ٻئي جي قريب آڻي ڇڏيو. مارئا رنگ، نسل ٻوليءَ ۽ مذهبي تنگ نظريءَ واري ماحول کان آزاد خيال رکندڙ عيسائي ڇوڪري هئي. علم ادب ۽ انسانيت جي قائل وقت ۽ حالت ٻنهي کي قريب آندو. ٻنهي زندگي نڀائڻ جو فيصلو ڪيو. ٻئي هڪ ٻئي سان بيحد پيار ڪندا هئا. جاويد نه مارئا کي مذهبي رشتن رسمن جي پابندين ۾ ڪين جڪڙيو.

زندگيءَ جي ان سفر دوران ٻنهي جي من ۾ ڪئي خواهشون ۽ اميدون جاڳيون. مارئا جي من ۾ ماءُ بڻجڻ واري جذبي ۽ تمنا جي انگڙائي اڀري. هن جاويد اڳيان پنهنجن جذبن جو اظهار ڪندي چيو- ”جاويد هن گهر ۾ معصوم مرڪ جي ڪمي آهي.“

ان وقت جاويد کي ماءُ جا لفظ ياد آيا. هن جي ڪنن ۾ سندس ماءُ جا لفظ پڙاڏو بڻجي گونجڻ لڳا - ”جاويد جي شادي ٿيندي، اڱڻ ۾ گل ٽڙندا. سندس اولاد کي مٺڙي لولي ڏيئي سمهاريندس، منهنجو ماضي موٽي ايندو، ٻڙهي وڌندي، ننڍڙو جاويد مٺون لاڏون لوڏندو. اڱڻ ۾ گل ٽڙندا .... ماضي

ٻئي مون هئس. سڪيلڌو اولاد. ممتا جي سڄي
تي پٽ رکي هن پنهنجي نورچشم کي ولايت موڪليو.
پر مالڪ کي نه ڪجهه ٻيو ٿي منظور هو. اوچتو
هوءَ گذاري وئي. جاويد کي جڏهن خبر پئي ته
هن کي ڏاڍو صدمو رسيو. هو جڏهن وطن وريو ته
ڳوٺ ۾ سڀ ڪجهه بدلجي چڪو هو. هن جي ڪنن
۾ پنهنجي جيجل جا لفظ پڙڻ لڳا. پنهنجي مٺڙي
ٻوليءَ وارا پيارا پيارا لفظ- گهر جون خاموش ديوارون
بار بار هن کان سوال ڪري رهيون هيون. جاويد
”هن ويران اڱڻ ۾ ڪڏهن گل نه ٽڙندو.“ ماءُ جون
پيار ڀريون اکيون اونداهي گهر ۾ ڄڻ ڏيئي وانگر
ٽمٽمائي رهيون هيون.

جاويد ڳوٺ مان واپس وري ولايت ۾ پنهنجي
پڙهائيءَ ۾ اڳي کان وڌيڪ مشغول ٿي ويو. هن جي
دنيا صرف ڪتابن تائين محدود هئي. جاويد شاديءَ
ڪرڻ جو ارادو ئي ترڪ ڪري ڇڏيو. وري ڳوٺ ۾
ماءُ جي گذاري وڃڻ کان پوءِ سندس گهر آباد ڪرڻ
لاءِ ڪنهن کي اولو ڪونه هو. سندس ڪو هڏ ڏوکي
ڪين رهيو. صرف پٽڻ ڪاٺڻ ۽ ولايتي سال جون
فرمائشون. اڻين ڪئي سال گذري ويا. هڪ ڏهاڙي
هن جي ملاقات ماريا (Maria) سان ٿي. ماريا تمام

ڪوڙ آهيو.

جاويد ڪاوڙجي چيو، "ماريا، مون ڪڏهن به توکي پنهنجون ريتون رسمون ۽ مذهبي پابنديون عائد ڪين ڪيون آهن پر منهنجي اولاد......"

ماريا هن کي وچ ۾ ٽوڪيندي چيو، "مون به ڪڏهن رنگ ۽ نسل جي Superiority ڪانه ڏيکاري آهي. ان جو مطلب اهو نه آهي ته مان پنهنجي اولاد کي ان طرف ڌڪيان جتان...."

جاويد رڙ ڪري چيو- "خاموش ...."

ٻنهي ۾ ڪافي دير بحث ٿيو ۽ ٻئي پنهنجن پنهنجن ڪمن لاءِ روانا ٿي ويا.

ڪئين ڀيرا ٻنهي جو ان ڳالهه تي تڪرار ٿيو. نيٺ هڪ ڏهاڙي جاويد ماريا کي چيو، "ماريا، اهو منهنجو آخري فيصلو آهي ته جيستائين منهنجي ٻوليءَ ۾ منهنجي اولاد جي پرورش نه ٿيندي تيستائين هن گهر ۾ معصوم مرڪ جو وجود نه ٿيندو."

ماريا چيو، "جاويد تنهنجو اهو آخري فيصلو آهي؟"

جاويد وراڻيو- "ها".

ماريا ڪاوڙ مان چيو- "جاويد تون به ڪن

موٽي ايندو.........پيڙهي وڌندي .... اڳتي ۾ گل ٽڙندا. ....“

ماريا جاويد کي خيالن ۾ گم ڏسي چيو- ”جاويد! تون ڪهڙن خيالن ۾ گم آهين.“

جاويد ماريا ڏي نهاريندي چيو، ”ماريا منهنجي ماءُ جي به اها ئي خواهش هئي. هوءَ اها تمنا دل ئي دل ۾ سانڍي هن جهان مان هلي وئي. مان هن جي خواهش پوري نه ڪري سگهيس. منهنجي به اها ئي آرزو آهي.

اسين مشيني زندگي ۾ ايترو ته ڪوهجي ويا سين جو انسان کي پنهنجي آئينده سوچڻ جو وقت ئي ڪٿي ملي ٿو. ماري مان پنهنجي اولاد کي امڙ جي مٺڙي لوليءَ واري سنڌي ٻولي سيکاريندس.

ماريا جهٽڪو ڏيندي چيو، ”يورپ ۾ رهندي به تون پنهنجي ٻولي سيکارڻ ۾ وقت وڃائيندين، جنهن ۾ نه ڪا ايجاد، نه ڪا ٽيڪنالاجي ۽ نه سائنسي دور طرف وک وڌائڻ جي سگهه.“

جاويد ڪاوڙ ۾ چيو- ”ماريا توکي خبر آهي تون ڇا پئي ڳالهائين. انسان جي قدم سڃاڻپ آهي.“

تون نه رڳو پنهنجي ماضيءَ کي ڪٽيو ويٺو آهين. حال سان قدم ملائي هلڻ نه اوهين سنڌي سگها ٿي

جاويد چيو، "پر ماريا ...." هن وچ ۾ ڪانئيندي چيو: Javeed I love you, I love your language

جاويد ماريا کي ڀڪوڙي ٻانهن جي گهيري ۾ آٽڪندي چيو - Maria I too love your language.
اسين ٻئي ٻوليون اڃائي سکون پيا پر هاڻي اسان زندگيءَ جي ان موڙ تي پهچي چڪا آهيون جو.......
ماريا جي ڳلن تي ڳوڙهن جون لڙيون لڙي آيون.
جاويد رومال سان ڳوڙها اگهندي چيو: Mari its too late:

ماريا جاويد جي لبن تي پنهنجو هٿ رکي ڇڏيو.

کولي ڇڏي ويئي، منهنجي اها خواهش اڌوري ٿي رهندي، تون آزاد آهين."

ڪيترن پيرا جاويد کي خيال آيو ته حالات سان قدم ملائڻ ۾ پنهنجي ٻولي جي جذبي ۽ احساس جي شدت هن جي خواهش کي دٻائي ڇڏيو. پر ٻنهي جو ٽڪراءُ ۽ عجيب نفرت پيدا ٿئي هڪ ٻئي لي وڌيڪ مدار رکڻ لڳا.

اڄ جڏهن ۾ زندگيءَ جو گهڻو حصو گذري ويو. اڄ سندن شادي جي 25 پنجويهين سالگرهه هئي. جاويد پنهنجي ڳوٺائين کي ۽ دعوت لي گهر گهرايو. انهن جون ڏاڙون ۽ ٻار، گوڙ ٺهڪ، ٻارن جي شرارت، پيچ ڏاهر.... دعوت پوري ٿيڻ کان پوءِ مارئا گهر کي ٺيڪ ٺاڪ ڪرڻ شروع ڪيو. جاويد چيو- مارئا اڄ تون مون سان ڏاڍي ناراض هوندين. مون پنهنجي ڳوٺ وارن کي گهرايو. انهن جي ٻارن گهر جي اصل ڏاڏوا ڏول ڪري ڇڏيو. تمام شرارتي ٻار هئا.

مارئا جاويد جي ويجهو اچي چيو، "ناراض! ناراض نه بلڪ خوش آهيان، ڏاڍي خوش آهيان. جاويد جي ڪلهي تي پيار وچان ڪنڌ رکندي هن چيو- جاويد ٻار ڏاڍا پيارا پيا لڳن. جاويد مونکي پنهنجو اولاد کپي."

لاءِ ڳڻڻ جيترا ڳاڻ ڳڻيا نه ها پڙهيو هو. پر هن اڳيان پڙهيل لکيل به پاڻي ڀريندا هئا. هو "عرفي مولا" هو. هتان هتان جون ڳالهيون پڙهي ٻڌي سونڌي قلم بند ڪري ۽ وري ڪٿي چٽ نه، ڪٿي گروهه بندي، ڪٿي ميڙ ملت، نه ڪٿي سودو، نه ڪٿي بنڪ ميل جو فن استعمال ڪري حرفت سان پاڻ کي ادب نواز جو تاج پهرائي "سرتاج" بڻيو. گڏو گڏ هن اخبار ڪيڻ اسان شروع ڪئي. هن جي اخبار جو ڪالم "سچ جي راهه" مقبوليت جي بلندين کي ڇهيو. هن جي قلم مان "سچ جي راهه" جو اظهار ناحق جهه لباس اوڍي ايمانداري ۽ نيڪيءَ جي لڄ ۽ حياداريءَ کي چاڪ چاڪ ڪندو چٽن چڱن جي پڳ لاهيندو رهيو. ان سچ ۽ ڪوڙ جي وڙهڻ ۾ سچ ڪم ٿورو ٿيو ۽ لٽن پٽن جي پيکهي متي. سندمان العام ۽ اعزاز وڪامڻ لڳا ۽ وڏيائي "سرتاج" "وڏيا" پراڻا بدا راجا بوج جو تاج پهريو.

خبر نه آهي اعزازن، اڪرامن، خطابن هن کي گهيري ورتو يا انهن کي پنهنجي گهيري ۾ آندو. بس پوءِ ته هن ڪان چڱان پلا کو کاڻڻ لڳا. جو "جي درباهه ۾ رهيو آهي ته واکهوءَ سان دشمني پراڻا سياڻن جو ڪم نه آهي." پر اج سندس نالو پٽ وشال ڪري "اتري گٿري" جي زبان لي هو.

اصول پنهنجا پنهنجا

وديا ڌر پوري رات پلنگ تي پاسا پلٽيندي گذاري. سندس گهرواريءَ گهڻي ئي دلداري ڏني پر هن جي پريشانيءَ ۾ ڪائي ڪمي نه آئي. هن کي ته سڀ جي پهرين ٻاڪ جو انتظار هو.

جيئن ئي پرهه ڦٽي هن پٽ جي ڪمري جو در کڙڪايو، وشال اکيون مهٽيندي در کوليو. پيءُ کي اهڙو سوير ڏسي حيران ٿي ويو. وشال ڏي گهوريندي هن چيو - ”اڄ منجهند ٽي ڪلاڪ مون سان هيٺ ڊرائنگ روم ۾ اچي مل.“ وشال جي سالن ۾ هيءُ پهريون ڀيرو هو جو سندس پيءُ ڪمري ۾ آيو هو. هن جي پيءُ کي نه سماجي، ادبي ۽ ميلاپي ميڙن مان ئي فرصت نه ملندي هئي. ڪڏهن ملڪ کان ٻاهر پيو ته ڪڏهن ملڪ جي ڪهڙي علائقي ۾ ته ڪڏهن ڪهڙيءَ ڪنڊ ۾. ائين ته وشال ماءُ پيءُ جو لاڏلو پٽ هو. پر هو صرف ماءُ جو ئي لاڏلو هو، جو سندس پيءُ کي فرصت ئي ڪانه ملندي هئي. وديا ڌر هڪ پراڻي منشيءَ جو پٽ هو. جيتري قدر علم حاصل ڪرڻ جو سوال هو ان لحاظ کان آگرين

تو پريت جو پيچ پاتو آهي .

”منهنجي زندگيءَ جي هم سفر جو نالو آهي ، بابا“ وشال ورائيو .

”منهنجي زندگيءَ جي هم سفر يا واٽ تي راهگيرن جي لٿل جتي .“

وشال جو چهرو ڪاوڙ ۾ سرخ ٿي ويو ۽ چيائين- ”ٻڌي توهان پنهنجي خاندان جي عزت لاءِ ڪهڙا لفظ استعمال ڪري رهيا آهيو .“

ودياڌر گهگهوڙ ڪندي چيو- ”نالائق تون هن کي خاندان جي عزت ڇٽي رهيو آهين .“

وشال چيو- ”ٻڌي مون فيصلو ڪري ڇڏيو آهي، بابا توهان جي خاندان جي عزت آهي. توهان جي ذهن اجهڻ واري آهي .“

هن ورائيو- ”تنهنجي فيصلي ڪرڻ نه ڪرڻ سان ڇا ورندو . منهنجو فيصلو اٽل ڇڏ ، هر ڪنهن جا پنهنجا پنهنجا اصول ٿيندا آهن. تنهنجي جلدبازي اجهڻ سان مان پنهنجا اصول ڪونه بدليندس .“

ان تي وشال ورائيو- ”ٻڌي هي نه منهنجو آخري فيصلو آهي ۽ وري منهنجو نالو آهي وشال جنهن جي شروعات انگريزي لفظ ”V“ (وي) سان ٿيندي آهي يعني “V Stands for Victory.”

وڏيرو سرتاج ڊرائنگ روم جي هڪ ڪنڊ کان ٻئي ڪنڊ ۾ ائين گهمي رهيو هو جڻ "شينهن پڃري ۾ قائل هجي." جڏهن وشال جي قدمن جي آهٽ ٿي ته هن اکيون شينهن وانگر گهوري ڏسندي چيو - "وشال تو خاندان جي عزت مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏي آهي."

"ڏاڏي مون اهڙي ڪهڙي ڳالهه ڪئي آهي؟"

هن ڪاوڙجي چيو - "اڇا ٻڌائين پيو ڪهڙي ڳالهه ڪئي ائين؟ ناٽڪي شرافت جي ڇانٽ اوڙاڪهي ذلت جي زندگيءَ طرف قدم وڌائڻ کان پوءِ به پڇين ٿو ڪهڙي ڳالهه آهي؟ ڪير آهي؟"

وشال چيو - "ڏاڏي اوهين ڪنهن جو ذڪر ڪري رهيا آهيو؟"

"مان پڇان ٿو ڪير آهي؟"

وشال وري چيو - "ڏاڏي توهين ڪهڙي؟ ڪهڙي ڳالهه ڪري رهيا آهيو. زندگيءَ جي موڙ تي خبر نه آهي مون سان ڪيترا مليا هوندا. اوهان کي ڪنهن ڪنهن جو نالو ٻڌايان؛ وري توهان وٽ ايترو وقت ئي ڪٿي آهي."

وڏيرو طنزيه انداز ۾ چيو - "مان ان اندر سڀا جي اپسرا جو ذڪر ڪري رهيو آهيان، جنهن سان

آهي." هو اهي لفظ چوندو ڪمري کان ٻاهر نڪري ويو.

ودياڌر سوچيو ته وقت گذرڻ سان وشال جو اثر لهي ويندو. پر نه.... هن گهڙيءَ جيڪا هلچل هئي، بيچارو ۽ ٿڪايو پر هن تي ڪو اثر ڪو نه ٿيو. مجبور ٿي هن مايا کي پاڻ وٽ گهرايو. مايا کي وشال جي زندگيءَ مان نڪري وڃڻ لاءِ چيو. مايا پنهنجي ماضي ۽ حالات کان مجبور وقت جي ستم ظريفي ۽ سماج جي نفرت کان واقف ڪرائيندي آزيون نيزاريون ڪيون ته هن تي رحم کائي معاف ڪيو وڃي. جو سندس ماءُ کي زماني جي گردش اونداهيءَ ۾ ڌڪي ڇڏيو. هوءَ ماضيءَ جي ان "ڌٻڻ" مان ٻاهر نڪرڻ ٿي چاهي. پر پٿر دل ودياڌر تي ڪو به اثر ڪو نه ٿيو. الٽو هن کي ذليل ڪيو. "لعنت آهي ان عورت تي جنهن توکي جنم ڏنو. جنهن سماج ۾ هڪ بي وشيا پيدا ڪري ناسور وڌايو آهي. اسان عزت دارن جا ڪي پنهنجا اصول ٿيندا آهن."

"مظلوم مايا جي اندر جي عورت ودياڌر جي "وشيا" لفظ جي ذليل ڏنگ تي ڪاليءَ جو روپ ڌاريو. هن جي اکين مان الا (شعلا) نڪري رهيا هئا. "ناسور" - اهو "ناسور" ته توهان جهڙن عظيم

وڏيائيءَ چيو- ”وشال تون به اهڙي وقت منهنجو نالو به وڏيائي آهي ۽ ”V“ سان ئي شروع ٿيندو آهي. ۽ اخلاص آهي ”سرتاج“ يعني Victory جو ”سرتاج“ ڪٿي زندگيءَ .... “

وشال وچ ۾ ئي ڪٽيندي چيو- ”ڏيڍي مون مايا سان زندگي ڀر جو واعدو ڪيو آهي ان ۾ مايا جو ڪو ڏوهه ڪونه آهي، ڪنهن خاندان ۾ جنم وٺڻ سان ....“

وڏيائي وچ ۾ ئي جملو ڪٽيندي چيو- ”بس بند ڪر هاڻي اها بڪواس.“

وشال ورائيو- ”ڏيڍي توهان جنهن کي بڪواس چئي رهيا آهيو، اهو اٽل ارادو آهي. مايا جي ماءُ کي سماج جي حالتن ان اوندهه طرف ڌڪيو. مان مايا جي ماضيءَ کي وساري ڇڏيندس. مايا منهنجو حال آهي ۽ جيڪو حال منهنجو روشن مستقبل ٺهندو. هيءَ ئي تصور آهي. پر دل ۾ هن جي ماضيءَ جي حقيقت کي ڄاڻي ترقي ٿيندي.“

وڏيائي وشال ڏي گهوريندي چيو- ”وشال تون مايا جي مهاجار ۾ قائل آهين، عشق جي انڌي گهوڙي تي سوار.“

”اهڙين ڪجهه ۾ سمجهو اهو منهنجو آخري فيصلو

سماجي برائين جي ناسور ۾ اضافو ڪري ٿا. جڏهن وڏيرا سرتاج اوهان کي ٻڌائي ڇڏيان، هر ڪنهن جا پنهنجا پنهنجا اصول ٿيندا آهن. ۽ مان به پنهنجي اصول تي قائم رهندس." اهو چئي مايا ڪمري کان ٻاهر نڪري وئي.

وڏيرن جو پورو جسم اپمان جي جوالا ۾ ٻرڻ لڳو. اڄ ڏينهن ٿائين هن جي آدرشن ۽ اصولن کي ڪنهن به للڪارڻ جي جرئت ڪانه ڪئي. جڏهن عورت کي هن سماج لاءِ ناسور بيان ڪيو، ان هن کي ناسور ڏيئي ڇڏيو. ۽ هن دل ۾ پڪو پڪايو "مايا" مايا نه رهندي. ڪجهه عرصي کان پوءِ اخبارن ۾ خبر ڇپي مايا جو لاش ندي ۾ مان لڌو ويو. اخبارن ۾ آپ-گهات جون الڳ الڳ ڪهاڻيون ڇپجڻ لڳيون.

اڄ وڏيرن جي هٿ ۾ اخبار ڇهري تي نظر ۽ مرڪ هئي. وشال پنهنجي ڀيءُ جي اکين ۾ اکيون وجهندي چيو "ڏيڏي توهان انين ڇو ڪيو؟"

ان تي وڏيرن چيو، "وشال مون ٺوڪي چيو ڪين هو هر ڪنهن جا پنهنجا اصول ٿيندا آهن."

ان تي وشال چيو، "ڏيڏي مان به اوهان کي چيو هو مان به پنهنجي اصول تي قائم رهندس. مايا سان ميلاپ. ۽ وشال ٽالي جي شروعات، 'V' سان ٿئي

شخصيتن جي روپ ۾ "وحشين" وڌايو آهي. توهان جي جاءِ مٿيچ مان سڏمان اعزاز اڪرام نه ملي سگهندو....

"خاموش ٿي وڃ." ودياڌر الر ڪندي چيو - "هڪ ته ڀڄاون پٽن کي وٺو ڦاسائينداوُن ۽ پوءِ وري مٿان وائس ڪري رهي آهين. پنهنجي زبان کي لغام ڏي. منهنجو سماج ۾ عزت جو درجو آهي. تو جهڙين بازاري عورتن سان پلاند نه اٽڪائڻ چاهيندس."

مايا وراڻيو- "مون کان وڌيڪ ذليل ۽ ڪريل اوهين "ڀڙوٽي" آهيو. منهنجي ماءُ ته پنهنجي وجود جو پورهيو ڪاڻ و ۽ ٿر توهان تهذيب، ٻولي ۽ ادب ۽ سماج جي ٺاهي ٿي پوري انسان ذات جي عصمت فروشي ڪري رهيا آهيو. هن عورت مجبوري ۽ مظلوميت جو شڪار ٿي پنهنجو استحصال (شوشڻ) ڪيو پر توهان سوچي سمجهي انسان ذات جو استحصال (شوشڻ) ڪري ڪاڻو ٿا. توهان ته ان وانگيا ڪان به ڪريل آهيو، جا صرف پنهنجي جسم جو استحصال (شوشڻ) ٿي ڪري پر توهان جهڙن ضمير فروش ڪريل آدرشن وارن کان ته ان مظلوم عورت جا آدرش ۽ اصول به عظيم آهن. اوهان جا اصول آهن ملڪ مٿل ڪرڻ. مظلوم عورتن کي عصمت فروشي* جي ڏنڌي ۾ ڌڪي

ويرنا

اڄ اُن کي پنڌرهن ڏهاڙن کان به مٿي عرصو ٿي ويو آهي پر ويرنا پنهنجي ڳالهه تي اڙيل رهي. ماءُ پيءُ پنهنجي سڪيلڌي ڌيءُ کي سمجهائي سمجهائي ٿڪجي پيا. پر هوءَ پنهنجي ارادي تي اٽل رهي. هن جي زبان تي صرف مهراڻ جو ناءُ هو. ٻئي طرف مهراڻ نالي تي ئي گهر ۾ سڀني کي نفرت هئي پر ويرنا لاءِ مهراڻ ئي هن جي زندگي هو. ويرنا جا مائٽ مهراڻ کي انتها پسند ۽ دهشت گرد گروه جو فرد قرار ڏيندا هئا. قوم پرست بدران خطرناڪ انسان قرار ڏيندا هئا. ويرنا کي انهن جي ناداني تي نه صرف حيراني پر نفرت ٿيندي هئي. جو مهراڻ ته پنهنجي جيجل لاءِ جان جي بازي لڳائي رهيو هو جيڪا ڌارين جي غلاميءَ جي زنجيرن ۾ جڪڙيل هئي. جڏهن جيجل ڌارين جي غلاميءَ جي زنجيرن ۾ جڪڙيل هجي ته پوءِ اُن جا سپوت ڪيئن سک جو ساهه کڻندا.

لي "V Stands for Victory." انهن چئي وشال پنهنجي
آڱرين ۾ لي پستول جو گهوڙو دٻائي ڇڏيو. وڌهاڻ
رڙ ڪندي چيو "وشال ٻڌ ته هي ڇا ڪيو؟

وشال جي زبان مان نڪتو - Victory جي سرلاج
وڌهاڻ ڪنيو ۽ اکيون ٻوٽي ڇڏيون. □

هئي. هوءَ پنهنجي ڌيءُ لاءِ خواب ڏسڻ لڳا ۽ نفيس
جي ۽ ونرلا کي پنهنجي زندگيءَ جي همسفر بڻائڻ
جي دلي خواهش هئي. پر ونرلا نفيس سان طويل
زندگي جي سفر کي طئه ڪرڻ پاراتو ۽ سوا پاڻئي
رهي هئي.

ٻئي طرف مهراڻ جي طوفان سان ٽڪرائيندڙ
اٿاهگي زندگيءَ ڪيئي ابداڻ پنهنجي خوش قسمتي
پائي رهي هئي. مهراڻ ونرلا کي ڪئين ڀيرا سمجهايو
ته منهنجي زندگي منهنجي نه آهي، پر مون پنهنجي
زندگيءَ جي واڳ جهنجل جي حوالي ڪئي آهي،
جا زنجيرن ۾ جڪڙيل آهي. تون پنهنجي راهه جو
پيچرو بدلي ڇڏ. جيستائين جهنجل جون اهي غلاميءَ
جون زنجيرون نه ٽٽنديون، تيستائين مون لاءِ سڀ
ئي سهڻ لعنت آ.

ڪرڪڻا لاهي، سک نه سٺا ڪنهين
ڪاهوڙيان آهي، اوسيئڙو ڪنهن پرين جو. (شاهه.)

ونرلا وراڻيو- ”مهراڻ سان منهنجي مختصر
زندگيءَ ۾ هر سفر ۾ پنهنجي خوش قسمتي
پائينديس.“

ان تي مهراڻ چيو، ”ونرلا، توکي نه ڄاڻ آهي
ته منهنجي زندگيءَ جو سفر ڪنهن پيچرن ۾ نه ڪنهن
ٻهاڙي علائقن ۾ ۽ نه ڪنهن ريگستاني علائقن ۾؛
منهنجي پٺيان نه Death warrant اڪيل آهن.“

مهراڻ نه امڙ جي آزاديءَ سان لائن لهڻ جو عهد ڪيو هو. ويسرنا ۽ مهراڻ ٻئي گڏ ٻڌندا هئا. ويسرنا جي ٻڌائي پوري ڪرڻ ڪان پوءِ سمدس مائٽن پنهنجي سڪيلڌيءَ جو گهر آباد ڪرڻ جو سوچيو هو. مائٽن جي من ۾ پنهنجي اولاد لاءِ ڪئين آسون اميدون وهن ٿيون. پر هنن جي نگاهه ۾ ويسرنا پنهنجي گهر آباد ڪرڻ بدران برباديءَ جي باروُدي پير لي عاشمالو اڌي رهي هئي. سمدس مائٽ ويسرنا جو رشتو نفيس سان ڪرڻ پيا چاهين، جيڪو نه صرف ٻڌهيل لکيل پر پنهنجي پيءُ ۽ چاچن جي مال ملڪيت جو اڪيلو وارث هو. جنهن سان لائون لهڻ لي ويسرنا جي اکيان نه صرف زر زيورن جا پير پر سيوا لاءِ ٻانهيون جون قطارون لڳي وڃن ها. نفيس ڏي لاڏ ڪوڏ ۽ نازڪ سان پاليو ويو هو. نفيس نه صرف نالي ۾ نفيس هو پر دل جو به نفيس ۽ نازڪ هو. هن ڪي جنجل جو رانجهن ۾ جڪڙيل رهڻ سان ڪو لڳاءُ نه هو. اٿو سمدس حفاظت لاءِ هن جي چارون طرف هٿيار بند Body guard موجود رهندا هئا. زندگيءَ جي هرڪا تفريح ۽ آرائش هن لاءِ ميسر هئي. ويسرنا جي ماءُ پيءُ جي دل نفيس جي ڌن دولت ۾ اٽڪي پئي

ڏسين ٿو ٿي ڪيڏو نه طوفان آهي. ويرالا ماڻ
ڪي وچ ۾ ٿي ڪانئيندي چيو - "اهڙ توهين وڃي
آرامي ڏيو."

ويرالا جون اکيون ته ڪنهن جي انتظار ۾ هيون.
هن جي من ۾ طوفان ته هڪ مهراڻ جي موج هئي.
هوءَ ائين محسوس ڪري رهي هئي ته اڄ هوءَ
زندگيءَ جون سڀئي مشڪلاتون پار ڪري زندگيءَ
جون سڀئي خوشيون ماڻيندي. اهو طوفان پاڻ سان
گڏ نه هوائن سان گڏ مينهن جا وسڪارا کڻي آيو.
ڪڙڪ ۽ بادلن جي گڙگڙاهٽ. انهن نه آوازن ۾ دريءَ
تي هلڪي دستڪ ٿي، جا گهر ۾ ڪنهن نه ٻڌي
صرف ويرالا جي من ٻڌي. هوءَ خاموشيءَ سان اٿي
۽ هن جا هٿ دريءَ طرف کڄيا. هن جڏهن دري
کولي ته هن اڳيان مهراڻ بيٺو هو. مهراڻ کي ڏسندي
ويرالا جي من ۾ طوفان ڪڙو ٿي ويو. هن جڏهن
دروازو کوليو ته ڏٺائين مهراڻ جو جسم گولين سان
گهايل هو. ويرالا جو چهرو چالبوڪي راس جيان
چمڪڻ لڳو. مهراڻ کي سهارو ڏيندي چيائين "مهراڻ
مونکي انتظار هو - ته توهين ضرور ايندئين."

مهراڻ ورائيو، "ويرالا مون توکي اڳ ۾ ئي چيو
هو ته مون مهنجو انتظار نه ڪجانءِ، جو مهنجو

ويرٽا مهراڻ جي اکين ۾ نهاريندي چيو، "مهراڻ!
تو مونکي ايترو ناسمجهه ڀانيو آهي جو تون مونکي
شهادت جي معنيٰ سمجهائي رهيو آهين. اڄ کان پوءِ
تون اهڙا لفظ زبان مان نه ڪڍجانءِ."

مهراڻ ۽ ويرٽا جي اُن ملاقات کي اڄ پندرهن
ڏهاڙن کان مٿي عرصو ٿي ويو. ٻئي طرف ويرٽا تي
سندس مائٽن جو زور ٻار نه تون انهيس جي ڪنوار
بڻجڻ قبول ڪر.

اڄ شام کان وٺي آنڌي طوفان هلي رهيو هو.
هوا جي زور سبب در دريون کڙڪي رهيا هئا.
ويرٽا جي ماءُ پنهنجي مڙس کي چيو - خبر نه آهي ڇو
اڄ منهنجي دل گهٻرائجي رهي آهي. هيءَ آنڌي
طوفان اللهي ڪهڙو قهر نازل ڪندو. ڏسو ته ڪيڏو
نه تيز رفتار جو طوفان آهي. هوءَ ديوانن وانگر
ويرٽا جي ڪمري طرف ڀڄندي وئي ۽ ويرٽا کي
وڃي چيائين - ويرٽا ڏس ڪيڏو نه ڀيانڪر طوفان
آهي. ويرٽا جي زندگيءَ ۾ ته اڳ ۾ ئي طوفان هو.
جنهن طوفان ڪارڻ سندس مائٽ اٿاڻا هئا. ويرٽا
خاموشيءَ سان ماءُ طرف نهاريندي رهي. سندس
ماءُ ٻڪي وڃي ڪمري جا دروازا بند ڪيا. هن
ڌيءُ کي خبردار ڪندي چيو - مان دريون کولهن.

مان تو لاءِ ... .“

ويرتا وچ ۾ ٽپي ڪاٽيندي چيو، ”نه، مهراڻ مان توکي ان حالت ۾ هرگز وڃڻ نه ڏينديس.“

ويرتا مهراڻ جي وهندڙ سرخ لهوءَ مان آڱر ٻوڙي پنهنجي سينڌ سنواري ڇڏي.

مهراڻ دانهن ڪندي چيو، ”ويرتا تو هيءَ ڇا ڪيو. منهنجي زندگي مختصر آ.“

هن مسڪرائيندي وراڻيو، ”اڄ مهراڻ جي موج سان ويرتا جو سنگم ٿيو آ.“

مهراڻ زوردار هڇڪي ڏئي اکيون ٻوٽي ڇڏيون.

ويرتا جي ماءُ چيو، ”تو هيءَ ڇا ڪيو؟“

هن چيو، ”امڙ! مون جيڪي ڪيو سٺو ڪيو.“

”تون ڏهاڳڻ ٿي زندگي گهارينديئن؟“ سندس امڙ وراڻيو.

ويرتا چيو، ”امڙ مان ڏهاڳڻ ڇو آهيان؟ مون نه شهيد سان لانوَن لڌيون آهن. شهيد مرندا نه آهن.“

ويرتا جي ماءُ چيو، ”ڇري نه ڪين ٿي آهين ويرتا! هن ڳالهه جي ڪنهن کي خبر ڪين پوندي. تون ٻاجهي وڃ. ڦيس تنهنجو ٻي ڇئيءَ سان انتظار ڪري رهيو آهي، تون راڄ ماڻيندينءَ.“

انتظار اڳ ۾ ڪير ڪري رهيو آهي. منهنجي زندگي منهنجي لاءِ آهي .... منهنجو انتظار موت ڪري رهيو آهي."

ويرنا ۽ مهراڻ جي گفتگو ٿي ويرنا جا ماءُ پيءُ ۽ ڀاءُ ڪمري طرف ڊوڙيا .... اُن وچ ۾ طوفان ٿمجي چڪو هو...... بادلن جي گوڙ گڙاهٽ ۽ وچ جي چمڪات شانت ٿي چڪي هئي ......

مهراڻ لڙڪڙائي ڪري، انهن کان اڳ ويرنا هن کي پنهنجي ٻانهن جو سهارو ڏيئي جهلي ورتو.

ويرنا جي پيءُ ماءُ چيو - "هن کي چئه ته هتان هليو وڃي. انهنجي زندگيءَ ۾ طوفان ڪڙو ٿئي انهن کان اڳ هيءُ هتان هليو وڃي. هيءُ اگر نه ويو ته اسان سڀني لاءِ مصيبت ٿي ويندي."

ويرنا وراڻيو، "بابا طوفان ته ٿمجي چڪو آهي مصيبتون ٽري ويون آهن. زندگيءَ جي سفر جو آغاز ته هاڻي ٿيو آهي. مهراڻ ناراضي سفر پورو ڪري واپس ورڻو آهي."

ماڻس ڪاوڙ مان چيو: ڪهڙي زندگيءَ جو سفر ۽......

ويرنا وچ ۾ ٽپي ڪانئيندي چيو، "مهراڻ جي زندگيءَ جي سفر جو آغاز ته امڙ اڄ ٿيو آهي."

مهراڻ جي زخمن مان رت جا رلا جاري هئا. هن ويرنا ڏانهن نهاريندي چيو، "ويرنا مونکي وڃڻ ڏي

عبرت مئگزين حيدرآباد سنڌ

15th November, 1989

انٽرويو:- محمد اسلم قريشي

چوندا آهن ته دنيا ۾ انسان جا انسان سان ڪيئي رشتا ۽ ناتا آهن. جن مان ڪي پيار جا رشتا آهن ته ڪي خون جا پر هڪ رشتو ڌرتيءَ جو به آهي. ڌرتي جيڪا ماءُ به آهي دنيا ۾ سڀ کان مقدس رشتو ماءُ جو آهي. پاڪ پارس جي ورهاڱي ظاهري طرح ته ماڻهن جو ورهاڱو به ڪري ڇڏيو. پر انهن هوندي به ماڻهن جي دلين جو ورهاڱو نه ٿي سگهيو ۽ ڌرتي ۽ ٻولي جو رشتو هزارن ميلن جي مفاصلي هوندي به قائم آهي. ورهاڱي کانپوءِ گهڻائي سنڌي هندو خاندان هندستان لڏي ويا. ڪجهه اڳ ڪجهه پوءِ. پر هندستان ۾ به اُهن ماڻهن پنهنجي ٻولي سان محبت ذريعي پنهنجي سڃاڻپ ۽ انفراديت قائم رکي آهي. سنڌي ٻولي سان محبت رکندڙن مان هڪ ويدا شرنگي به آهي. جيڪا هند ۽ سنڌ ۾ رهائي

ويرڙا ورائيو، "مان سنڌ جي هن سنڌوءَ کي ڇڏي وڃان. ڪالهه جي زال ٻڌي سڄي عمر سک جي سيج ماڻڻ ٻنهي ٻهادر جي همسفر ٿي، هڪ رات لاءِ به، سهاڳڻ ٿيڻ ٻڌي زندگيءَ جي ڪنهن کي ڳلي لڳائڻ مون لاءِ فخر جهڙي ڳالهه آهي."

سهاڳ، رات...... تو کهڙي سهاڳ رات گذاري ...... جدائي نه ٻڌي ...... زندگيءَ جي حقيقت کي نه ڇڏي وڃ.

امڙ اڄ ته، وڏيرڙا جو مهراڻ سان سنگم ٿيو آهي. انوکو سنگم...... ۽ اها انوکي ميلاپ جي وير جنجل کي زنجيرن ۾ جڪڙيندڙ ڌارين ۽ غدارن کي ٻوڙي ڇڏيندي.

ويرڙا مهراڻ جي پيشانيءَ تي چپ رکي سندس ڪلاشنڪوف هٿ ۾ کڻي ورتي.

"ڀائو ڀاڻه ۾ ڀاڻ، تو هين مالڪ ملڪ جو."
(سچل سرمست)

سوال - اوهان آل انڊيا ريڊيو جي سنڌي سروس جي مشهور اناؤنسر آهيو، اوهان اهو ٻڌائيندا ته اوهان ريڊيو ۾ ڪڏهن کان آيا آهيو؟

جواب - آل انڊيا ريڊيو سان منهنجي واسطگي ڪافي پراڻي آهي. سال 1971 کان وٺي آل انڊيا سان منسلڪ آهيان. شروع ۾ تعارف اردو ۽ هندي سروس ۾ ٿيو ۽ آن ۾ ڊراما آرٽسٽ جي طور تي حصو وٺندي هئس. 8 نومبر 1971 کان وٺي آل انڊيا ريڊيو تي سنڌي سروس جو آغاز ٿيو ۽ تڏهن کان وٺي ئي سنڌي سروس سان واسطه آهيان.

سوال - اوهان کي سنڌي ٻڌندڙ ۽ پرستارن جا خط ملندا هوندا. آن باري ۾ اوهان جا ڇا تاثرات آهن؟

جواب - ادا مون کي هر هفتي سون خط پنهنجي سنڌي سامعين جا ملندا آهن. جن ۾ هنن جو پيار ۽ خلوص ۽ پنهنجي مٺڙي ٻولي سان محبت جو ڀرپور تاثر ملندو آهي ۽ انهن خطن ذريعي ئي منهنجو سنڌ واسين سان رابطو برقرار آهي.

سوال - ريڊيو کان علاوه اوهان جون ٻيون ڪهڙيون مصروفيتون آهن؟

جي سنڌي سروس معرفت تمام گهڻي ڄاتل آهي. سنڌس من موهيندڙ آواز، سنڌي ٻولي جي ادائگي جو طريقو سنڌس لکن پرستارن ذريعي ئي ظاهر آهي. ويدا شرلکي نه صرف ريڊئي ذريعي مقبول آهي پر هندستان جي ادبي دنيا ۾ به تمام گهڻي سڃاڻي وڃي ٿي. سنڌس ڪيترن ادبي ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن. اُن سان گڏ پاڻ هندستان ۾ سنڌي عورتن جي سماجي تنظيم "ماروئي" جي روح رواں به آهي ۽ تازو ئي دهلي ۾ "شاهه عبداللطيف ڀٽائي انٽرنيشنل سيمينار" سنڌس ئي ذاتي ڪوشش سان منعقد ٿيو هو. جنهن ۾ هند ۽ سنڌ مان تمام گهڻي تعداد ۾ سنڌي اديب ۽ عالمن شرڪت ڪئي هئي. سنڌس سنڌي ٻولي لاءِ اهڙي خدمتن جي اعتراف ۾ سنڌس هي انٽرويو پيش ڪجي ٿو.

سوال- اوهان دهلي ۾ ڪڏهن کان رهو ٿا؟

جواب- ادا منهنجو تعلق شهداد ڪوٽ تعلقي سان آهي. منهنجي پيدائش لاڙڪاڻي جي آهي. اسان شهداد ڪوٽ مان 1971 ۾ دهلي شفٽ ٿياسين. منهنجا پيءُ ماءُ ۽ ڀائر اڃا تائين شهداد ڪوٽ ۾ رهندا آهن.

سفرنامون' آهي. 'منهنجي پيشي جا گل و خار'
جنهن ۾ منهنجي دور جون يادگيريون آهن. ان
کان علاوه 'منهنجا معصوم سپنا' موتو لاگ. جي موضوع
تي آهي جنهن کي ٻڌي پڙهندڙن تمام گهڻو پسند
ڪيو آهي.

سوال - سنڌي ٻوليءَ کي هندستان ۾ زنده رکڻ
لاءِ اوهان ڪهڙيون ڪوششون پيا ڪريو؟

جواب- ادا اسان هتي دهليءَ ۾ ڪجهه ٻهماڻي
لي ادبي گڏجاڻيون ڪندا رهندا آهيون. تازو اسان
دهليءَ ۾ ٻي "شاهه عبداللطيف ڀٽائي انٽر نيشنل
سيمينار" منعقد ڪيو. جنهن ۾ هند ۽ سنڌ مان
تمام گهڻن اديبن ۽ عالمن شرڪت ڪئي ۽ آئينده به
هر سال اهو سيمينار ڪرڻ جو ارادو رکون ٿا.

سوال- پيڙ آخر ۾ سنڌ واسين لاءِ ڪو پيغام؟

جواب- ادا آخر ۾ مان اهو شعر چوندس ته:

"ڪي وڇڙائي ڏور،
ڪي ڏور به اوڏا سڄڻ،
ڪي ڄڙهن نه چت لئي،
ڪي وسرن نه مور."

★

جواب - ريڊيو کان علاوه دور درشن ٽي وي تي ڪڏهن ڪڏهن ريجنل پروگرام سنڌي زبان ۾ به ٿيندا آهن، جن ۾ حصو وٺندي آهيان. ان کان علاوه اسان جي هندستان ۾ سنڌي عورتن جي هڪ سماجي تنظيم آهي "مارئي" جنهن جون به سرگرميون جاري رکندي آهيان ۽ باقي وقت لکڻ پڙهڻ ۾ گذاريندي آهيان.

سوال- اوهان جا پسنديده فنڪار ڪهڙا آهن؟

جواب - ماسٽر چندر، ڀڳونتي ناواڻي، ڀڳت ڪنور رام، مائي ڀاڳي، محمد جمن منهنجا پسنديده فنڪار آهن.

سوال - سنڌي ادب ۾ اوهان جو ڪهڙو حصو آهي؟

جواب - ادا جڏهن دل چاهيندي آهي تڏهن ڪجهه نه ڪجهه لکي ڇڏيندي آهيان. هيستائين منهنجا پنج ڪتاب سنڌي ۾ ڇپجي چڪا آهن. ڪهاڻين جو مجموعو 'زندگي هڪ ناٽڪ'، 'ڪيئن وساريان ولڙيهڙين'، 'سنڌ جون يادگيريون (هن ڪتاب کي انڊيا ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ طرفان انعام به مليو ۽ هن ڪتاب کي ماسڪو يونيورسٽي ۾ به شامل ڪيو ويو.) 'پکا ۽ پيهوار ڏٺي مون ڏينهن ٿيا'، 'سنڌ جو

پاران سالگرهه جي سال هڪ ثقافتي پروگرام وڏي پيماني تي دهليءَ ۾ پيش ڪيو ويو. 1987ع ۾ ”مارئي“ پاران ’شاهه عبداللطيف بين الاقوامي ڪانفرنس‘ دهليءَ ۾ ڪوٺائي وئي، جنهن ۾ سنڌ جي ڪافي اديبن شرڪت ڪئي. شاهه عبداللطيف تي ٻي بين الاقوامي ڪانفرنس ٽئين 1989ع ۾ دهليءَ ڪوٺائي وئي، جنهن ۾ به سنڌ جي ڪيترن ئي وفدن شرڪت ڪئي. ”مارئيءَ“ پاران ٿيل ”شاهه لطيف بين الاقوامي ڪانفرنس“ ايندڙ سال ٿودي ۾ ڪوٺائڻ جو پروگرام آهي.

وينا هڪ سٺي ليکڪا ۽ شاعره به آهي. سنڌس ڪيترائي ڪتاب سفرنامن ۽ ڪهاڻين جا شايع ڪرائي چڪي آهي.

هوءَ ”سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن“ پاران ڪوٺايل ”سنڌ انٽرنيشنل ڪانفرنس“ ۾ ڀارتي اديبن جي وفد سان گڏجي سنڌ آئي ۽ ڪانفرنس جي سمورن نشستن ۾ شريڪ رهي. هن سچل سرمست جي پيغام تي هڪ مقالو پڙهيو ۽ مشاعري ۾ به شامل ٿي. ”پارس“ پاران ساٹس ڪيل ڳالهه ٻولهه اسين هن پرچي ۾ شامل ڪري رهيا آهيون. ڳالهه ٻولهه لاءِ پينل ۾ شامل اديب هي هئا:

هند جي سنڌي شاعره، ڪمپيئر
۽ ريڊيو اناؤنسر
وينا شرنگي

▫▫▫

شمشير الحيدري

تعارف

نالو: وينا شرنگي
پيءُ جو نالو: مهراج ڪوڙي ڪرشن
جنم: شهداد ڪوٽ ضلعو لاڙڪاڻو
ڀارت ۾: 1971ع کان.

1973 کان آل انڊيا ريڊيو ۾ ڊراما آرٽسٽ طور ڪم ڪرڻ لڳي. 1976ع کان ريڊيو تي مستقل طور سينئر اناؤنسر ۽ ٽرانسليٽر مقرر ٿي.

1983ع ۾، هن ڀارت جي سنڌي عورتن جي سماجي تنظيم ”ماروي“ نالي سان قائم ڪئي، جنهن

جي ايمان پنھنجو ڪلام پيش ڪندي مونکي ڪو احساس نہ ٿيو جيئن لوس ليس وغيره جو ٿيندو آھي. ڇو نہ ھيءَ دلين جا جذبا آھن جيڪي انسان پيش ڪري ٿو، جيڪي داد مليو اُن سان ھمت افزائي ٿي آھي.

ساجده: توھان انڊيا ۾ عورتن جي فلاح لاءِ "ماروي" تنظيم قائم ڪئي آھي، اُن جا ڪھڙا مقصد آھن.

ويدا: اسان وٽ ھند ۾ سنڌي ٻولي ۽ ڪلچر لوڙھ ۾ آھي. اُن کي بچائڻ ۽ اُن جي واڌاري لاءِ ھيءَ تنظيم قائم ڪئي اٿئون. ادب کان ڪجھ ويا آھيون، جنھن جي لاءِ اسان "ماروي" تنظيم جو پليٽفارم ٺاھيو آھي. جنھن تان ادبي ۽ ڪلچر پروگرام ڪري رھيا آھيون. ھند ۾ عورتن ۾ ٻوليءَ لاءِ چاھ پيدا ڪرڻ ۽ غريب عورتن جي ڀلائيءَ لاءِ ڪم ڪرڻ اسان جي مقصد ۾ شامل آھي.

نسيم: توھان ھند ۾ تازو شاھ لطيف ڪانفرنس بہ ڪرائي ھئي اُن جا ڪھڙا اثر ٿيا؟

ويدا: ھند ۾ اسان انٽر نيشنل ليول تي ڪانفرنس ڪوٺائي ھئي، جنھن جو مقصد ھيو نہ پنھنجي ٻوليءَ کي ٻين ماڻھن تائين متعارف ڪرايون. اسان وٽ

شمشير الحيدري، هدايت بلوچ، نسيم حيدري، ساجده شيخ ۽ مجيد ٻگهور ان کان علاوه موقعي تي طارق اشرف، غلام نبي مغل، تنوير عباسي به موجود هئا.
(ش - ا - ح)

هدايت :- اسين توهان جا ٿورائتا آهيون جو توهان اسان جي دعوت تي سنڌ انٽر نيشنل ڪانفرنس ۾ آيا. اسان کي ائين لڳو ڄڻ توهان اسان جا مهمان نه پر گهر جا ڀاتي آهيو. توهان کي هت اچي ڇا محسوس ٿيو ؟

ويدا : مان توهان سان بلڪل متفق آهيان. مونکي ائين لڳو ته- آئون ڪانفرنس ۾ شريڪ نه پر ٻاهر آرگنائيزر آهيان يا ڪو حصو آهيان. هتي تمام سٺو ماحول هو. حالانڪ ٻهراڙون ٻيرو نسالا ۽ ڇهرا ٻيا ۽ ڏٺا آهن. ٿڌهن به اهڙو ڪو احساس ڪونه ٿو ٿئي ته اسين مهمان آهيون، يا هت سنڌ ۾ پاسپورٽ ذريعي آيا آهيون، اهي فارملٽيز ذهن ۾ ئي ڪون آيون.

مون مشاعري ۾ به حصو ورتو ۽ هڪ سيشن جي سيڪريٽري جا فرض به انجام ڏنا. مشاعرو تمام وڏي پيماني تي هئو. اسان وٽ هند ۾ اهڙي وڏي پيماني تي مشاعرا نه ٿيندا آهن. اسان وٽ شاعر به محدود آهن. هت تمام گهڻا شاعر ۽ تمام وڏا شاعر به هئا. انهن

ته ڏاڍي خوشي ٿي، اچڻ لاءِ فارملٽيز پوريون ڪرڻ ۾ آءٌ ايترو مصروف ٿي ويس جو احساس ٿي نه پيو ته پروگرام ٿيندو يا ٽٽندو ۽ اميد هئي سنڌ ضرور ڏسندس. مون ٻڌو ته منع ڪري ڇڏي هئي پر پوءِ اوچتو ئي اوچتو پروگرام ٿي ويو. شايد سچل سائين کي عقيدت پيش ڪرڻ لاءِ ئي سنڌ ۾ ڪو داڻو پاڻي لکيل هئو.

شمشير: توهان جڏهن ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيو ته ڇا محسوس ڪيو؟

ويدا: مونکي هتي تمام سٺيون ۽ وڏيون تبديليون محسوس ٿيون. ڀارت جي ڀيٽ ۾ هتي ادب ۽ ٻولي لاءِ تمام سٺو ڪم ٿي رهيو آهي. هتي سنڌي ماڻهن تمام گهڻا آيل هئا ۽ ٽيئي ڏينهن موجود هئا. هتي ٽيم ورڪ به آهي. جيڪي مصروف آهن سي، به وقت ڪڍي شرڪت ٿا ڪن. عورتن جو به وڏو تعداد موجود هئو. اسان وٽ سنڌي فنڪشن ۾ ايترا ماڻهو نه ايندا آهن. هتي آءٌ اهو چوندس ته اسين پٺتي پئجي ويا آهيون ۽ توهان سنڌ وارا اسان کان تمام اڳتي وڌي ويا آهيو ۽ ترقي ڪري رهيا آهيو. ڪنهن وقت اسين اهو سوچيندا هئاسين ته سنڌ جا ماڻهو پڇڙيل آهن ۽ اسين شهري ماڻهو آهيون.

ڪيترائي اهڙا به ماڻهو آهن جن کي ڪا خبر ئـــي ڪانهي ته هند ۾ به ڪو سنڌيءَ ۾ لکيو ٿو وڃي. يا ڪو سنڌي ادب به آهي. وڏن ليکڪن کي ڇڏي ڪري، عام ماڻهو کي اهو سڌو لڳو ۽ انهن ڪانفرنس ۾ حصو ورتو. ٻيو ته ڀارت ۾ جيڪي نيشنل ليول تي ٻيون ٻوليون آهن سڀــا ٻيا جيڪي تعلق رکندڙ صوبا آهن، نيشنل ٻوليءَ جي حوالي سان، تن ڏانهن اسان انٽرنيشنل ڪانفرنس جي حوالي سان انهن ڏانهن اسان جو پيغام پهتو.

شمشير: هند ۾ سنڌي رسالن ۽ اخبارن جـــي صورتحال ڪيئن آهي.

وينا: رسالا ۽ اخبارون تمام گهٽ ٿـــا نڪرن، پڙهندڙن جو تعداد ڏينهون ڏينهن گهٽجندو ٿو وڃي. باقي اهو اثر ضرور ٿئي ٿو ته جڏهن سنڌ مان اديب اچن ٿا ته انهن کي ڏسي شوق ۾ ڳانڍ ٿو لڳي، ڪچهريون ٿين ٿيون ۽ اهي سنڌي ٻولـــي ڳالهائڻ شروع ٿا ڪن ۽ اها هڪ وڏي ڪاميابي آهي. انهن آهستي آهستي قافلو وڌندو ٿو رهي.

شمشير: توهان کـــي جڏهن سڄي ڪانفرنس ۾ شرڪت لاءِ سڏ مليو ته، توهان جا ڪهڙا احساس هئا.

وينا: جـڏهن مونـکي ڪانفرنس جي دعوت ملي

آهستي جڏهن هنن کي احساس ٿيندو ته اها هڪ حقيقت آهي ۽ تمام سٺو مقصد آهي ته پوءِ هو سڀئي شرڪت ڪن ٿي ويندا. ڇو جو سچائيءَ کي پرکڻ لاءِ ته وقت کپي.

شمشير: اوهانجي تنظيم ته آهي زنانين مارئي تنظيم، اوهان اهو ڪهڙي نمولي سان توقع رکي ته دهليءَ ۾ جتي اديب تمام گهٽ آهن ۽ عورتون اديبائون آهن ئي ڪونه، اوهان ڪهڙي آسري تي اها تنظيم قائم ڪئي؟

ونيتا: ڇا اديب ئي تنظيم قائم ڪري سگهن ٿا، ڇا ورڪر کي پنهنجي بوليءَ ۽ ان کي وڌائڻ لاءِ حق ناهي ڇا؟ مان توهان کان اهو سوال ڪنديس.

شمشير: منهنجو مطلب آهي ته پارس جا جيڪي مرد اديب آهن، سي ان ۾ ڪيتري قدر سهڪار ڪن ٿا؟

ونيتا: مان توهان کي ٻڌايان ته دهليءَ ۾ فاصلا تمام پري پري آهن. جيڪو جتي مقامي سطح تي ملڪهن ٿيندو آهي اهي ئي ماڻهو شرڪت ڪندا آهن. ڇو جو رات جو واپس وڃڻ ڪرڻ جو مسئلو ٿيندو آهي. بمبئيءَ جي اِي ڳالهه آهي. اڌ رات جو به سواري ملي ويندي آهي. اسان جي دهليءَ ۾ ته

اسين وڏيڪ ڪم ڪري سگهون ٿا. پر هتي توهان اسان ڪان وڏيڪ ڪم ڪري رهيا آهيو ۽ عورتون توهان سان ڀائين ڀلي ٿي ڪم ڪري رهيون آهن.

شمشير: ان جـي پٺت ۾ اوهانکي هندستان ۾ ڪيتري قدر ماڻهن جو سهڪار آهي، "سـاروي تنظيم" جي سلسلي ۾؟

ويدا: ان ۾ مان اهو چوندس ته جيئن اسان ڪم شروع ڪيوسين ته ڪنهن کي يقين ئي ڪو نه هئو، انهن سوچيو ته شايد هڪڙو مذاق آهـي. پروگرام انهن لئي ٿا ڪن ۽ سرڪاري سطح تـي موڪل نه ملندي ڇو جو چاليهن سالن ۾ ڪـڏهن ڪنهن هـن شيءِ کي ڪيو ئي ڪو نه هئو. جڏهن اسان ڪانفرنس ڪئي ته سڀني اهو ئي چيو ته اهو عمل ۾ نه ايندو. پهرئين دفعي ته هر هڪ ماڻهو چيو ته اسان شرڪ نه ٿيون ۽ پوءِ نه ٿئي ته اسانجي گهٽتائي ٿي پوندي جڏهن پهرئون پيرو اهو ڪامياب ويو ته ٻئي ڀيري اسان سڀني کي چيو ته ڪميٽي ٺاهيو... اهڙي طرح سان مختلف ااالا اچڻ لڳا تـه اسان چيوسين هتر ٿيندو ته سڀئي ملي ڪري ڪم ڪيون. اسان کي دادا آدم ۽ سندري طرفان پورو ساٿ آهـي. ان ڪجهه ليکڪن جو به ڪجهه ساٿ آهي. اسان اهو چوندا سين ته آهستي

مڪمل تعاون آهي. ٻيون علائقائي ٻوليون انهن چوڌس ۾ آهن جو مڪمل تعاون آهي ۽ اهو چوڻ آهي ته توهان اهو ڪيئن، اسان جو توهان سان مڪمل تعاون آهي. انهن مدد به ڪئي آهي، پريس ۾ ۽ جيڪي تفصيل روزاني اخبارن آهن انهن ۾ سائع ڏنو. هي ٻهراڙين پهرو آهي جو سنڌي فنڪشن کي اهڙي سطح تي، قومي اخبارن ڪوريج ڏني. اهو اڄ ڏينهن تائين ٿيو آهي.

شمشير: توهان جي تنظيم آهي جنهن جي حوالي سان توهان سماجي ڪم ڪري رهيا آهيو. پر توهان ليکڪ به آهيو ۽ ان جي ڪري توهان کان اهو پڇڻ مناسب ٿيندو ته وڏا شهر جتي اسانجي گهٽي آبادي آهي اُتي هنديءَ ۽ سنڌي ٻوليءَ جو صورتحالي جو جيڪو مسئلو پيدا ٿيو آهي اُتيءَ جو مستقبل ڇا ٿيندو؟

وينا: اُن ۾ ته اسان اهو ٿا چئون ته جيڪي نه ورڪ ڪن ٿا، حمايت ڪن ٿا پنهنجي زبان ۾، اهي خود اُن تي عمل نه ٿا ڪن. اگر اهي عمل ڪرڻ شروع ڪندا ته ڪجهه ڪاميابي ٿي سگهي ٿي ۽ اُهي خود ترجمو نه ڪيو آهي، نه پنهنجا ڪتاب اُن ٻوليءَ ۾ ڇپرائڻ کان گهٻرائين ٿا. تنهنڪري انهي جي

اهو وڏو مسئلو آهي. ليڪن توهان نه ڳڻيا دهليءَ ۾
شايد پنج يا ڪٿي ڏهه، وڌيڪ چڱو اهي آهن ۽ انهن
جي دلچسپي آهي نه ڪا. ڇو جو اڃا اهڙي
قسم جون گڏجاڻيون ٿينديون ئي ڪانهن اها نه
انهن جي لاءِ هڪ نئين ڳالهه ٿيندي آهي.

شمشير: اوهانجي تنظيم سماجي تنظيم آهي يا —
هندستانين توهان جهڙي ڪالفرنسون ڪيون آهن
سي گهڻو ڪري ادبي ڪيون آهن، ٻيو سماجي ڪم
نه ڪيو آهي.

ويدا – نه سماجي نه آهي، ادبي نه آهي ۽ ڪلچرل
نه آهي.

شمشير: اوهان کي اڃا جيڪي ٻيون ٿورائـــي
واريون قومون آهـــن، انهن جـــو ڪجهه سهڪار
حاصل آهي.

ويدا: مثلاً، ٿورائي واريون......؟

شمشير: يعني اڃا نه، اردو ۽ ٿورائـــيءَ واري
ٻولي ڇٽي؟

ويدا: انهن کي توهان ٿورائي وارا نه چئو نه.
انهن جا گهڻائي ادب وغيره آهن. ٻولي ۾ نه انهن
کي پنهنجو آرگنائيزر ڪيو ويو آهـــي. انهن کي نه

جا جتي به رهن ٿا اُهن کي چوندس ته اچي ڀرپور تعاون ڏين ته اسين پنهنجي محنت لي لطيف سينٽر دهليءَ ۾ قائم ڪريون ۽ سنڌ وارن، سنڌي ڀائرن، ٽيچرن کي به اپيل ڪيان ٿي.

شمشير: سنڌي ٻوليءَ، سنڌي ادب، سنڌي تعليم جي باري ۾ ڪيتري قدر سرڪاري سهڪار حاصل آهي؟

ويدا: سرڪار وٽ تمام گهڻا فنڊ آهن، جيڪي اڪيڊميز آهن ۽ اسڪولن جي لاءِ به نه توهان اهي کوليو، پڙهائڻ لاءِ نه فنڊ ڏيڻ لاءِ سرڪار تيار آهي. پر ڇا هي اسان جي بدقسمتي نه آهي ته هر هنڌ ليکڪن جا گروپس هوندا آهن اُهن جي ڪري فنڊز ڪٽ ٿيا ٿين ۽ آهي واپس هليا ٿا وڃن لکن جي تعداد ۾.

شمشير: اوهان وٽ اهڙيون تنظيمون ناهن جيڪي ان قسم جون رڪاوٽون ٿاهن ۽ اهو خرچ ڪن ۽ واپس ڪرڻ جي بجاءِ استعمال ٿئي؟

ويدا: نه اسان وٽ اهڙيون تنظيمون نه نه آهن ۽ رڪاوٽ به نه آهن. جيڪا دهليءَ ۾ سينٽرل هندي ڊائريڪٽوريٽ آهي، تنهن مان صرف ڏهن سنسٿائن فائدو ورتو آهي. اهي ٻهتي جون آهن. اهو به ان

حالت خراب آهي.

شمشير: اوهان وٽ هن سال لطيف ڪانفرنس ٿي هئي ان ۾ اها خواهش ڏيکاري وئي هئي ۽ انهو اعلان ڪيو هئو ته اوهان جي ماروي تنظيم ڪوشش ڪندي ته جلدي ڀارت جي سنڌي ماڻهن جي لاءِ ”شاه لطيف سينٽر“ قائم ڪيو وڃي ان سلسلي ۾ ڪا ڪارروائي اوهان شروع ڪئي آهي يا ڪو سهڪار مليو آهي.

ويدا: توهانکي ڄاڻ آهي ته اسان اهڙي اعلان ڪيو سين ته دهليءَ ۾ لطيف سينٽر جي نالي سان قائم ڪيون ان لاءِ اسين پابند آهيون ۽ ڪوشش ڪنداسين.

شمشير: ان سلسلي ۾ توهان سان ڪو رياست تعاون ڪندي؟

ويدا: اسان کي پورو يقين آهي ته حڪومت تعاون ڪندي ۽ هن سلسلي ۾ به سرڪاري سطح تي هٿن ويزا وغيره جي سلسلي ۾ به مڪمل تعاون ڪيو. اهي به اسان ۾ ڪوتاهيون آهن جو اسين حڪومت کان پورا فائدا نه ٿا وٺي سگهون. پر ڪجهن کان اڳ ۾ چوندا آهن ته پاڻ تي ڀاڙجي. ان جي لاءِ مان سنڌين کي چاهي هند ۾، سنڌ ۾، ولايت ۾،

ڪلاس آهي اُن جي ڪري توهان ڏسندو ته پورهيت دانهن ڪندو آهي، اُن جا پوء نتيجا ڇا ٿيندا آهن، مختلف طريقن سان.

مجيد: ٻاهرين آبادي سان اها صورتحال ٿـــي سگهي ٿي جيڪا اسان وٽ آهي؟

ويدا: اُتي اها صورتحال نه ٿي ٿي سگهي.

شمشير: اتي اها صورتحال نه آهي، اهو جيڪو تصادم آهي اهو انهن وٽ نه آهي. ڳالهه اها آهي ته هڪڙو مثالي شهر اوهان اُڏيو، اتي اتري آبادي ڪني ڪئي. اُتي ٿورو گهڻو جيڪو ثقافتي رنگ ڏسڻ ۾ آيو. ٻولي ۾ جو يـا پنهنجي لباس جو. اُٺٽي وهٽي، ڪاڏو پيتو. ان ۾ اهو هڪڙو سنڌي ڪلچر سو پنهنجي جاء تي محفوظ ٿو رهي. هاڻ جيڪڏهن ٻاهرين آبادي وڌي ته تصادم ته نه ٿيندو پر اها شيء جنهن جي اصل شڪل آهي سا وڃائجي ويندي ۽ هڪڙو واحد شهر آهي جتي گهڻي ۾ گهڻي آبادي سنڌين جي هڪڙي هند آهي.

ويدا: توهان اجمير ۾ نه ڏسندو ته ڪافـــي سنڌي آهن.

شمشير: ها پر اتي آبادي نه آهي. اجمـــر ۾، احمدي ۾، ٻڙودا ۾ يا رائپور وغيره ۾ اُتـــي جهڪي

ڄمي ڪري جو اُنهن جا ماڻهو اُتي موجود آهن.

شمشير: ڀارت ۾ اُلهاس نگر هڪڙو مثالي شهر آهي. جتي سنڌين جي تمام گهڻي آبادي آهي. اُتي سارا ئي لک ماڻهو هڪڙي شهر ۾ رهن ٿا. اُتي جيڪي بازارون آهن اُنهن ۾ اهو ئي طريقو آهي جيڪو اسان وٽ هتي سنڌي بازارن ۾ هئو. جيئن بورڊ سنڌيءَ ۾ لکيل آهن. ماڻهو سنڌي ڳالهائين ٿا پر جيتري قدر اُتي ٻاهرين آبادي بہ آهي، سا وڌي رهي آهي، توهان ڇا ٿا سمجهو تہ اُلهاس نگر جو مستقبل ڇا آهي هڪ سنڌي شهر جي حيثيت ۾؟

وينا: اُن جي باري ۾ مان اهو چوندس تہ جيڪي اُتي رهن سي سڀ اُتان جا لوڪل ماڻهو آهن.

شمشير: اهي ڪير آهن؟

وينا: اُتي اسان اگر گجرات وينداسين، گجراتي هوندو. ڪڇ ۾ وينداسين، ڪڇي هوندو. مهاراشٽر ۾ وينداسين، مهاراشٽري هوندو اهڙي طريقي سان اهي لوڪل ماڻهو هوندا پر اُنهن سان ملي جلي رهڻ ۾ تہ اهڙي ڪا، ڳالهہ ڪانهي ڪا. پر ڇا آهي تہ جيڪو واپاري ڪلاس اهو استعمال ڪري ٿو. اسان جي سنڌي ڪميونٽيءَ ۾ بہ اسان جو واپاري

وندنا: نہ بلڪل نہ. دهليءَ ۾ تہ سنڌيءَ جي پريس ئي ڪانهي. اجمير ۾ پريس آهي پر اتي ڇپائي جي ڏاڍي ڏکيائي آهي.

شمشير: ڪتاب اوهين ڇپيو ٿا تہ گهٽ ۾ گهٽ ڪيتري تعداد ۾ ايڊيشن ڇپيو ٿا؟

وندنا: پنج سؤ. سنڌي ۾ سنڌو جهڙن نارائڻ شيام جو، ان جو ست سؤ يا هزار ڪاپيون. اهو بہ ان جي ڪري جو سينٽرل اڪيڊميز کي اُهي وٺڻيون آهن جيڪي ان کان وٺي ڇڏيندا. هاڻي هڪڙو ليکڪ آهي سو ڪتاب جون پنج سؤ ڪاپيون ڇپائي ڏيڍ سؤ ڪاپيون وڃن ۽ ساڍا ٽي سؤ ڪاپيون ورهائي، تہ توهان اهو سمجهي سگهو ٿا تہ ادب ۾ ڪيتري دلچسپي هوندي.

شمشير: تہ اسانجي ادب جي اوسر جي صورتحال اِها آهي جو ماڻهن لائين ڪتاب پڙهائڻ جي لاءِ! هڪڙو تہ محدود تعداد ۾ ٿا ڇپجن. ۽ ٻئن کان پوءِ اهي پوري طرح سان وڪرو بہ نٿا ٿين.

وندنا: نہ، حڪومت ٿي ڪوئي ڪندو ناهي. انهيءَ ڪري جيڪو ڇپائڻ وارو آهي سو بہ نہ سگهارو ٿئي ٿو.

ساجده: وري توهان کان اهو پڇڻو آهي تہ اتي

علائقا آهن اُتي ڪافي تعداد ۾ سنڌي رهن ٿا پر هڪڙو مخصوص، هڪڙو محدود قسم جي جهڙا سوسائٽي آهي، اها صرف اُلهاس نگر ۾ آهي.

ويدا: اُتي لاءِ مان اهو چوندس ته سنڌي اُن ڳالهه کي زور شور سان ڪٿن. اُتي چونڊيل نمائندا به آهن.

شمشير: اُتي اسيمبلي ۾ نمائندو سنڌي آهي.

ويدا: مونکي ٻڌڻ چوڻ جي خبر ناهي مگر هيستائين چونڊيندا آيا آهن ڪافي سنڌي اُتي ميونسپالٽي وغيره ۾ به آهن. اهڙي ڳالهه ڪانهي. صرف ڇا آهي ته زور شور سان ڪوشش ورتي گهرجن يا جيڪڏهن ڪو به ماڻهو ايمانداريءَ سان ڪوشش وٺي ٿو ۽ پيو ڏاهي ٿو ته پوءِ اهو مقصد پوري ٿڪجي ٿو وڃي.

شمشير: سنڌي ٻوليءَ جون ڪي اخبارون نڪرن ٿيون يا رسالا نڪرن ٿا؟

ويدا: اهڙا نه ڪجهه نڪرن ٿيون جن هڪ پمفليٽ ٿيندو آهي، اُن قسم جون نڪرنديون آهن.

شمشير - دهليءَ مان ڪا سنڌي اخبار نڪري ٿي؟

ويدا: نه دهليءَ مان ڪانه ٿي نڪري.

شمشير: دهليءَ مان ڪو ماهوار رسالو نڪري ٿو؟

نه ٿا ڳالهائن.

وينا : ته اسان جي پنهنجي ڪوتاهي آهي. پيءُ سنڌي آهي ته امي سان سنڌي ٻوليءَ ۾ نه ڳالهيندو ته پوءِ ظاهر آهي ته ٻار سان لنڊي هوندي جيڪا ٻولي ڳالهائي ويندي اُن جو ئي اثر ٿيندو.

شمشير: معنيٰ ته اسان ٻه-ٻه چار-چار ماڻهو وڃائيندا وڃون ته جيڪو ۽ اهڙو نسل اچي پيو.

وينا : اهو ته اهڙو نسل آ، جيڪو پهرئين وارو نسل آهي هتي ڪراچيءَ ۾ جنهن تعليم ورتي جن هتي شاديون ڪيون، اهي ئي چون ٿا ته اسان کي سنڌي نه ٿي اچي. اها حالت آهي.

ساجده : ماروي تنظيم جي حوالي سان توهان جيڪو ڪم ڪيو ٿا، اُن سلسلي ۾ سنڌ مان توهان کي موٽ ڪيتري ملي آهي ؟

وينا : سنڌ مان تمام سٺو سهڪار مليو آهي ۽ اميدن کان وڌيڪ پيار، قرب ۽ تعاون مليو آهي.

نسيم: اسان جي نوجوان اديبن کي شڪايت آهي ته وڏا اديب اُنهن کي اڳتي وڌڻ جو موقعو نٿا ڏين. اُتي جي نوجوان اديبن جي صورتحال ٻڌايو.

وينا : اِن لاءِ مان ائين چوندس ته اُتان جي نوجوان اديبن جي هتان جي نوجوانن کان وڌيڪ بري حالت

سنڌي اديبائون ڪيتري تعداد ۾ آهن؟

ويدا: مان توهانکي ٻڌايان ٿي تمام ٿوري تعداد ۾ آهن. اهي ٻه ڏهاڪو ۾ نه ٻالڪل ٿـــي ناهن؛ بمبئي، احمدآباد، اجمير وغيره ۾ جتي سنڌي ڪافي آهن ڪجهه اديبائون آهن پر اُنهن جي همت افزائي نٿي ڪئي وڃي.

مجيد: سنڌ جي جيڪا موجوده صورتحال آهي ان لئي اوهان جا اديب ڇا ٿا محسوس ڪن.

ويدا: نه اُتي هتان جي ڪابه ڳالهه محسوس نه ٿي ڪئي وڃي.

شمشير: اوهان وٽ اڄـــي اٿر شاديون جيڪي ٿيون آهن، خود تنهنجي خاندان ۾ ٿيون آهن؛ اهو جيڪو سلسلو آهي سو اسان وٽ به هليو آهي. پـــر هتي اجان ايترو ترب داغ ڪونهي. جيڪو هتي آهي ڇاڪاڻ ته ٻيا گهڻا پاسا آهن جن کان اسان کي خطرا آهن. سنڌي ٻـوليءَ جي، سنڌي ساهت جي لاءِ نه، آئون سمجهان ٿو ته اها شيءِ ارادتا نه ته ٿا ڪن. ڇو جو ڪجهه مجبوريون به آهن. گهڻيون ٻوليون آهن. ٻار ۾ ڏني وٺي سکهن. پر آئون سمجهان ٿو ته جيڪا حقيقت واقعي پنهنجي جاءِ تي اٿي پٿي ان مان ته اهو خطرو آهي ڇاڪاڻ ته ٻار سنڌي

ڪانه ڪئي وئي آهي. جيڪڏهن ڪن ها ته اڄ تائين ڪامياب ٿي وڃن ها.

مجيد: توهان جي مارئي تنظيم ان سلسلي ۾ ڪجهه ڪرڻ چاهي ٿي يا نه.

وينا: ان لاءِ اسان پوري ڪوشش ڪري رهيا آهيون.

ساجده: هند ۾ سنڌي عورتن جي سماجي حالت ڪهڙي آهي.

وينا: اُتي جي عورت تمام ائڊوانس آهي ۽ انهن جا ڊس ائڊوانٽيج اڀري آيا آهن. هتي جو ماحول بلڪل الڳ آهي ۽ اسان جو ماحول بلڪل الڳ آهي. جيتري قدر برابري جا حق ته سڀئي کي آهن. پر تڏهن به اُتي جي عورت کي اهي مسئلا نه هوندا جيڪي هتي جي عورت کي آهن.

ساجده: ڇا اُتي جي عورت ۾ سماجي سجاڳي ناهي؟

وينا: نه سجاڳي ته آهي پر چاهي ته ڪهڙن ڳوٺن وارن عورتن کي اڃان اهڙي مسئلا درپيش آهن، شهرن جون عورتون ڪٿي نه ڪٿي پنهنجي مسئلي جو اظهار ڪن ٿيون، ان جو حل تلاش ٿيون ڪن، ڏور پهراڙين ۾ عورت هڪ ته اڻپڙهيل آهي، هن کي

آهي. اُلٽي اگر ڪو پروگرام ٺهي ٿو، ۽ اُن ۾ صرف نوجوان اديب ئي آهن ته اُن پروگرام ۾ هڪ ته وڏا اديب اچڻ ۾ عيب ٿا سمجهن ۽ ٻيو ته هو اُن پروگرام کي ڪامياب ٿي نه ٿا ڏيڻ ڏين. ڇو ته اُن ۾ ڪنهن وڏي اديب جي شموليت نه آهي. سندا شاعر، ڪهاڻيڪار آهن. اُنهن کي ٻڌڻ گهرجي يا اُنهن کي همٿائڻ گهرجي، اهڙي پروگرام ۾ هنن کي ڪابه دلچسپي ڪانهي جنهن ۾ ننڍي وارا ماڻهو ٿيا اچن.

مجيد: هڪڙي ڳالهه اها آهي ته ورهاڱي کانپوءِ اديبن لاءِ پيدا آهي ته هند جا اديب سنڌ نه ٿا اچي سگهن ۽ سنڌ جا اديب هند ۾. تهراءِ وغيره پيش ڪندا آهن. ڪو فنڪشن ڪندا آهن. ڪو اوڙو ٿوڙو ايان ڏئي ڇڏيندا آهن. هند ۾ اُن سلسلي ۾ ڪهڙيون ڪوششون ڪيون ويون آهن.

ويدا: هند ۾ ته اسان طرفان لطيف سيمينار ۾ ڪوشش ڪئي هئيسين.

مجيد: منهنجو مقصد آهي ته سرڪار طرفان اُن ڳالهه کي پهچائڻ لاءِ ته سنڌ جا اديب هڪ ٻئي وٽ اچن وڃن. اُن ۾ ڪهڙيون ڪوششون ڪيون آهن، هند جي اديبن طرفان اِلي هندستان ۾.

ويدا: اديبن طرفان ته ڪا اهڙي خاص ڪوشش

آهي ۽ اُنهن مان ڪافي ڪجهه سکڻ جو موقعو ملندو آهي.

شمشير: سنڌ جي ماڻهن لاءِ ڪو پيغام ڏيڻو آهي، هتي جي عورتن لاءِ هتي جي ٻارڙن لاءِ، نئين ٿهيءَ جي لاءِ، جنهن ٿهيءَ جو اوهين ڀاڱو آهيو.

ويدا: پيغام ته وڏا ماڻهو ڏيندا آهن.

شمشير: اسان کي ننڍي ماڻهوءَ جو وڏو پيغام کپي.

ويدا: اسين ملي جلي ڪري ڪم ڪريون ۽ وڌ ويجها مٽائي هڪ ٻئي سان ڀائرن ٻيلي ٿي رهون. پنهنجي ٻوليءَ ۽ اَدب کي وڌايون ۽ اڳتا سلسلا هلندا رهن. جيڪي پيغام آهن صوفي شاعرن جا اُنهن جي اصولن، مقصدن کي نظريو بڻائي اسان اڳتي وڌون.

پارس - جنوري 1990

ٻاهر جي دنيا جي خبر ڪانهي. هاڻ تعليم به مفت ٿي آهي ۽ عورتن جون تنظيمون به ڳوٺن ۾ عورتن لاءِ ڪم ڪن ٿيون. اسان وٽ ته ڍير ٻيون عورتون ڪم ڪري رهيون آهن.

مجيد: سنڌ ۾ وڏن شهرن مان سنڌي ميڊيم ختم ڪيو پيو وڃي. هند ۾ سنڌي ماڻهن لاءِ سنڌيءَ ۾ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ڪهڙا مسئلا آهن؟

ويدا: اسان وٽ آزادي آهي. ڪو به ماڻهو ڪهڙي به سبجيڪٽ ۾ پڙهي يا پرچا ڏئي سگهي ٿو. سرڪار طرفان ڪنهن به قسم جي رنڊڪ نه آهي.

مجيد: هند ۾ سرڪار سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري لاءِ ڪوششون وٺي ٿي؟

ويدا: جي بلڪل، اسان وٽ ڪم ڪرڻ جي آزادي آهي. جيترو توهان ڪم ڪندو، سرڪار به اوترو ئي تعاون ڪندي.

مجيد: توهان چئن ڏينهن کان هتي ڪراچيءَ ۾ آهيو. نه ڪيترا سنڌي وڏا اديب نوجوان ۽ ٻيا ماڻهو ڪانفرنس ۾ آيا ۽ توهان سان مليا آهن توهان کي ڇا محسوس ٿيو آهي؟

ويدا: انهن سان ڪافي خيالن جي ڏي وٺ ٿي

آهن. جيڪي هر سال حڪومت کي واپس ڪيا ويندا آهن. فنڊز کي مڪمل طرح استعمال نہ ڪري سگهڻ اڪيڊميءَ جي پنهنجي ڪمزوري آهي، جنهن کي پاليسين وسيلي درست ڪري سگهجي ٿو.

ساڃاهہ: هندستان جو سنڌي اديب ۽ ادبي حلقا سنڌي ادب جي اوسر لاءِ ڪهڙو ڪردار ادا ڪري رهيا آهن؟

ويدا: اسان وٽ سنڌي اديب صرف آهو ٽڪيڪالي ڪم هٿ ۾ کڻي ٿو، جيڪو سرڪار طرفان ڪيس ذميواريءَ طور ملي ٿو. باقي پنهنجي سر اُهن ۾ ادبي خدمت جو جذبو نہ هئڻ جي برابر آهي. جيڪڏهن هندستان جو اديب لڳاتار سان ڪم ڪري ها تہ اڄ هندستان ۾ سنڌي ٻولي الائي ڪٿان جو ڪٿي پهچي وڃي ها.

ساڃاهہ: هندستان اندر سنڌي ادب جا ڪهڙا موضوع آهن يا ڪهڙن سماجي مسئلن تي لکيو وڃي ٿو؟

ويدا: هندستان اندر سنڌي اديبن سماجي مسئلن کي تمام گهٽ ڪيو آهي، ڇاڪاڻ تہ سماجي مسئلا اهڙي شدت سان اسان وٽ محسوس ڪونہ ٿا ٿين.

ساڃاھہ جنوري فيبروري 1990

ھند جي سنڌي اديبا
وينا شرنگيءَ کان انٽرويو

- ضاڪي صوفيو ۽ دلشاد ٿٽو

ساڃاھہ: ھندستان ۾ سرڪار سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ لاءِ ڪيتري سهڪار ڪري رهي آهي؟

وينا: ڀارت سرڪار ٻين ٻولين سان گڏ سنڌي ٻوليءَ کي سرڪاري ٻوليءَ طور تسليم ڪيو آهي. ان کان علاوه هر صوبي ۾ سنڌي اڪيڊميون پڻ قائم ڪيون ويون آهن. جن ۾ مختلف شعبا آهن، جهڙوڪ اشاعتي شعبو ۽ ثقافتي شعبو وغيره هاڻي سرڪار وٽ سنڌي بورڊ قائم ڪرڻ جو منصوبو زير غور آهي. اڪيڊمين کي ملندڙ فنڊز ايتري نه جهجهي انداز ۾ هوندا آهن، جو سمورا خرچ ڪڍڻ جي باوجود به ڪافي پئسا بچي پوندا

فعال رول ادا ڪن ٿيون.

ساڃاهه: هندستان ۾ ڪم ڪندڙ ٻين اَدبي تنظيمن جو سنڌي اَدب ۽ سنڌي اَديب ڏانهن ڪهڙو رويو آهي؟

وينا: هندستان ۾ ڪم ڪندڙ ٻين ٻولين جون ادبي تنظيمون اَسان ڏانهن ۽ سنڌي اَدبي حلقن ڏانهن تمام سٺا ۽ همت ڏياريندڙ رويا رکن ٿيون. پر ٻين ٻولين جي ڀيٽ ۾ سنڌي اَدب اڃا سگهارو نه آهي جو پنهنجا پيرو ز اڳتي وڌي سگهي. ڇو ته سنڌي ٻوليءَ ۾ هندستان جي مختلف ٻولين جا ايترا ته لفظ شامل ٿي ويا آهن، جو سنڌي ٻوليءَ جي اصل شڪل ئي بگڙي وئي آهي. جڏهن اسان جي تخليق ۽ اسان جي اَدب کي هيٺ ڪري ڇڏيو آهي. اسان جي تخليق جو اهو ڪمزور پهلو اسان اَدبي حلقا شدت سان محسوس ڪن ٿا. پر اُن جو کلي اظهار ڪرڻ کان پاسو ڪندي اٿي واري اسان جي اَدب کي ڪوراج ڏيڻ ۽ اُن ۾ دلچسپي وٺڻ کان لنوائيندا رهندا آهن.

ساڃاهه: هندستان ۾ ڪيترا سنڌي رسالا نڪرن ٿا ۽ اُنان جي پڙهندڙن جو تعداد ڪيترو آهي؟

وينا: اَندازاً ڏهن کان ٻارهن رسالا نڪرن ٿا، پر

ألبت أڄ ڏينهن تائين ورهاڱي ۽ سنڌ مان لڏ پلاڻ وارو مسئلو هندستاني أدب ۾ جذباتي حد تائين موجود آهي. ورهاڱي جي مسئلي کانسواءِ غير ملڪي ڇوڪرين سان شادي ۽ شاديءَ کان بعد پيدا ٿيندڙ مسئلن کي اڪثر ڪري أسان جي أدب ۾ کنيو وڃي ٿو. ۽ نه گهٽي پاڳي لکڻ لاءِ أديب کي موضوع به پاڻ کي ڳولهڻا پوندا آهن.

ساڃاهه: هندستان أندر سنڌي أدب جي حوالي سان ڪيتريون ادبي تنظيمون ڪم ڪري رهيون آهن ؟

وينا: هندستان ۾ هونئن ته أڪيچار تنظيمون موجود آهن پر انهن جو ڪردار ٻڙو ڪواهي. ڪافي ادبي تنظيمن جو ته اهو حال آهي، جو انهن جا عهديدار ڳولهي به ڪو نه لڀندا آهن. اهڙين گهڻين أدبي تنظيمن جو هجڻ ڪنهن وڏي أدبي جاڳرتا جو نتيجو نه آهي. پر أديبن جي أندر گروه بنديون ۽ هڪ ٻئي ڏانهن نه سهپ وارا رويا آهن. اهي ئي سڀني عمل جو ڪارڻ آهي. هندستان أندر حالت اها آهي جو هر ڇهن ۽ پنجن أديبن جي تنظيم الڳ آهي. تنهن هوندي به پاڄ ۽ ابيٽيءَ وغيره ۾ هڪ ٻه أدبي تنظيمون اهڙيون آهن، جيڪي ڪجهه نه ڪجهه

سنڌي ٻوليءَ کي زنده رکڻ لاءِ ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان اهي سنڌي رسالا جو شايع ٿيڻ تمام ضروري آهي.

ساڃاهه: سنڌ اندر سنڌي ادب جي اوسر بابت اوهانجي راءِ ڇا آهي؟

وفا: سنڌ اندر سنڌي ادب تمام وڏي ترقي ڪئي آهي. ادب جي صنفن ۾ هتي نوان نوان تجربا ٿيا آهن ۽ ٿوري ئي عرصي ۾ نون اديبن جو هڪ وڏو حلقو اڀري آيو آهي. جيڪو سماج کي سگهارڻ ۽ ڪارج پرائون تخليقون ڏئي رهيو آهي. ڪيترا اهڙا سنڌي اديب موجود آهن، جيڪي هندستان تائين اڃان متعارف ٿي نه سگهيا آهن. اسان وٽ اڃان تائين صرف ابراهيم جويو، شيخ اياز، شمشير الحيدري، قمر شهباز، تنوير عباسي، خيرالنساء جعفري، نورالهدا شاهه ۽ حميد سنڌي ئي سڃاتا وڃن ٿا. پر هتي اچي ڄاڻ پئي آهي ته سنڌي ادب ڪافي شاهوڪار ٿي چڪو آهي ۽ تمام تيزيءَ سان پنهنجو معيار وڌائي رهيو آهي.

ساڃاهه: هندستان ۾ ريڊيو ۽ ٽيليويزن تان سنڌي پروگرامن کي ڪيترو وقت ڏنو وڃي ٿو؟

اُنهن جا ٻه مشڪل سان هڪ ٻه پرچا ئي نڪرندا آهن، ته نه گهڻي ڀاڱي هڪ اڌ پرچي کانپوءِ رسالا نڪرڻ ئي بند ٿي ويندا آهن. ڪجهه رسالا اهڙا آهن، جيڪي مستقل ڇپجن ٿا، جهڙوڪ: روح رهاڻ، ڪونج، سُهڻي ۽ سنگيتا وغيره. پر اهي به اڪثر صحيح وقت تي اچڻ بجاءِ دير سان ئي نڪرندا آهن. اُنهن سان گڏ گهڻي ڀاڱي نڪرندڙ رسالا ادبي گهٽ ۽ ڪمرشل وڌيڪ هوندا آهن، جن ۾ فنڪارن جا وڏا وڏا فوٽو، سيٺين ۽ واپارين جا انٽرويو ۽ وڏن ماڻهن جي فوٽن جي ڀرمار هوندي آهي، جنهن ڪري اهڙن رسالن جو وڪرو سرڪاري ادارن يا لئبررين تائين محدود آهي. گهڻي ڀاڱي اديب پنهنجي پنهنجي رسالن ۾ هڪ ٻئي جا فوٽو ۽ انٽرويو ئي شايع ڪندا رهندا آهن. ان ۾ رسالي ڪڍڻ واري جو ڏوهه به گهٽ هوندو آهي. هڪ ته اسان وٽ ايتريون ادبي تخليقون ڪونه ٿيون ٿين، جيڪي رسالن ۾ شايع ٿينديون رهن. ٻيو پڙهندڙن جو تعداد گهڻو نه هجڻ ڪري رسالن جو وڪرو تمام گهٽ ٿئي ٿو. ان ڪري رسالا پنهنجي ڇپائي جو خرچ به ڪين ڪڍي سگهن. اُنهن کي جيڪڏهن ڪمرشل بنيادن تي به هلايو وڃي ته اهي رسالا نڪرڻ ئي بند ٿي وڃن. ان ڪري

ٿا ۽ داد ڏين ٿا. سچل ڪانگريس ۾ "پڙهندڙن جو
تعداد به خاص متاثر ڪندڙ هو ۽ انهن جهڙن انداز ۾ اُتي
موجود شاعرن کي ٻڌو ۽ ان مان لڳو پئي ته سنڌ اندر
اَدب ڏيندڙ ۽ اَدب پڙهندڙن جو هڪ سنجيده حلقو
جڙي چڪو آهي، جيڪو سنڌي اَدب جي اوسر ۾
معاون ثابت ٿئي ٿو. سچل بين الاقوامي ڪانگريس
۾ سنڌي دانشورن، سچل جي فڪر، زندگي ۽ شاعريءَ
تي جيڪي مقالا پڙهيا انهن سچل جي فڪر ۽ زندگيءَ
جي اهڙن ڇرڪائيندڙ گوشن کي اسان جي آڏو پڌرو
ڪيو، جيڪي هندستان ۾ رهندڙ سنڌي نسل کان
اڃا تائين لڪل آهن. مونکي اهو اعتراف ڪرڻ ۾
ڪو به عار محسوس نٿو ٿئي ته اسان وٽ هندستان ۾
سچل لاءِ ان انداز ۾ اڃا ڪم ڪونه ٿيو آهي. هڪ
ٻي خاص شيءِ جنهن ڏاڍو متاثر ڪيو اها سرڪاري
حلقن پاران سچل ڪانگريس جي سرپرستي ۽
همت افزائي هئي. هتي جنهن انداز ۾ اديبن ۽
دانشورن سان سرڪار سهڪار ڪيو آهي، اهو هڪ
اتساهيندڙ عمل آهي. هندستان ۾ 1987ع ۾ سنڌي اديبن
پاران شاهه لطيف ڪانفرنس ملهائي وئي هئي. مان چاهيان
ٿي ته انهي ملڪن ۾ گڏيل سطح تي وري به اهڙيون

ويدا : جمهوري، بمبئيءَ، احمد آباد ۽ دهليءَ کان نشر ٿيندڙ ريجنل ٻولين جي پروگرامن ۾ سنڌي ٻوليءَ کي ٿو وقت مليل هوندو آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ نشر ٿيندڙ پروگرام اڌ ڪلاڪ کان هڪ ڪلاڪ دورانيي جا هوندا آهن. وقت وڌائڻ جي گنجائش البت اڃا موجود آهي.

ساجاهه : سنڌ ۾ منعقد ٿيل بين الاقوامي سچل ڪانگريس بابت اوهان جا تاثرات ڇا آهن ؟

ويدا : سچل ڪانگريس ۾ سڀ کان وڌيڪ متاثر ڪندڙ ڳالهه ڪارڪنن اندر نظم، ضبط، نيم ۽ هڪ واري انداز ۾ ڪم ڪرڻ جو جذبو ۽ مقصد سان خود سپردگيءَ جي حد تائين وابستگي هئي. سچل ڪانگريس ۾ سنڌ جي اديبن ۽ شاعرن پنهنجا ڪم ڏاڍا سڀاڳي انهري ٿ وڏي انداز ۾ اچي شرڪت ڪئي جو انهي وڏي انداز بابت اسان هندستان ۾ تصور به نه ڪري سگهون. ان مان ٻه ڳالهيون ظاهر ٿين ٿيون. هڪ ته ادب تخليق ڪندڙن جو هڪ اهڙو حلقو وجود ۾ اچي چڪو آهي، جيڪو ماڻهن کي معياري ادب ٿو ڏئي. ٻيو سنڌ ۾ ادب دوست ماڻهن جو هڪ جهجهو تعداد پيدا ٿي چڪو آهي، جيڪي سنجيدگيءَ سان ادب جي تخليقن کي پڙهن

پڙهي سگهيا. ان ڪري منهنجي راءِ آهي ته سنڌ جي تاريخي جڳهين تي بورڊ مختلف ٻولين ۾ هجڻ کپن، جيئن اسان جي ٻهراڙي وڙي کان ايندڙ ٽوورسٽ به ڇڱيءَ ريت واقفيت حاصل ڪري سگهن. سنڌ کي گهڻو ڪاپوءِ محسوس ٿيو ته سنڌ ۾ ساوڪ تمام گهٽ آهي. منهنجي اها خواهش به آهي ۽ سنڌ جي ماڻهن کي اپيل به ته سنڌ جي سونهن ٻري ڏرليءَ جي خوبصورتيءَ کي وڌائڻ لاءِ ان ۾ ساوڪ پوکڻ، قدرتي منظرن جو اضافو ڪندا رهن.

ساڃاهه: ڇا هندستان ۾ سچل تي ڪو اهڙو پروگرام منعقد ٿي سگهي ٿو؟

ونيا: ٽاڙو 2، 3، 4 سيپٽمبر 1989ع تي هندستان اندر اسان جهڙا ڪانفرنس منعقد ڪئي هئي ان ۾ شاهه، سچل ۽ ساميءَ لاءِ هڪ هڪ ڏينهن رکيو ويو هيو، باقي اسان جي اها ڪوشش رهندي ته، انهن شخصيتن مان هرهڪ شخصيت تي الڳ الڳ ڪانفرنسون منعقد ڪيون.

ڪوشون ٿيون ڪيون. هن سموري سفر ۾ سڀ کان
وڌيڪ قابل ذڪر موضوع سنڌ قافلو آهي. قافلي ۾
سڀ کان وڌيڪ خوشي ڏياريندڙ عمل وڏي تعداد
۾ سنڌي ليکڪن جي شرڪت هئي، جنهن عمل سنڌ
۾ سماجي جاڳرتا جو اهڃاڻ ۽ سنڌي عورت جي
معاشرتي آزاديءَ ڏانهن پيرڻ وک آهي. سنڌ قافلو
سنڌ ۾ جيت به ويو اتي سنڌي ليکڪن ۽ پارٽين سنڌ
جي روايتي انداز ۾ اسان جي آجيان ڪئي. آدرڀاءَ
جا اهڙا ته جذباتي منظر ڏسڻ ۾ آيا، جن اسانجي
لونءَ لونءَ ڪانڊاري ڇڏي. اسان ان خلوص ۽ محبت
کي تا زندگي وساري نه سگهنداسين. سنڌ قافلي
جي توسط سان اسان شاهه لطيف، سچل سرمست،
قلندر شهباز، مخدوم بلاول جي درگاهن تي حاضري
ڀرڻ جو مان حاصل ڪيو، جنهن جو عام حالتن ۾
اسان تصور به نه پئي ڪري سگهياسين. هڪ خاص
ڳالهه ان سفر دوران جيڪا مون شدت سان محسوس
ڪئي. اها سنڌ جي تاريخي جڳهن تي خصوصاً
ساڌ ٻيلي ۾ لڳل بورڊ صرف سنڌي ٻوليءَ ۾ هئا،
جيڪي سنڌيءَ سان گڏ اڙدو ۽ انگلش ٻوليءَ ۾ نه
هجڻ ڪري ها. جو ته اسان سان هلندڙ ٻين قومن جا
اديب، بلوچ، پٺاڻ ۽ پنجابي سنڌي بورڊ پڙهي نه

۽ مذهبي محبت ڪجهه ڪارائتي ثابت ٿيندي.
سڀ کان اڳ اهو ۽ واضح هجي ته آئون ڪو تمام
وڏي درجي جو اعليٰ حيثيت وارو هڪ هڪ اڪر
لي ٻڌسن ولسٽ وارو ليکڪ ڪونه آهيان. مذهبي
تصنيف شايد ڪڏهن ٻار جي ٻولي هجي تمام سولي
هجي ٻر ٻوه ۽ جي سمجهه ۾ نه اچي ته آن لاءِ
اوهان جي ناٿم وٽ لاءِ معافي ڏيندا.

”نالي ڏٺي جي ٻڙو ٿار مذهبو،
آهيان لڌر نماڻي..........“

”ڪٿن راڄهاڻان توکي ڪٿن ٻرچاڻان توکي،
ڏس ڪو ڏاڻ............“

جو آواز آئر ڪان ايندڙ ڪڪرن کي مجبور ڪري
وساڻيندڙ سرڪ اسٽيشن تي سر ڪان ڏار ڪيو ويو.
انسان انسان جو قتل ڪونه ڪيو ٻر خدا خود خدائي
جو قتل هڪ انسان جي هٿان ڪرائي ڇڏيو.
اي ٻنياد مذهبي جهڙن ۾ سوين هزارين سنڌي هندن
جو قتل ٿيو. سر جي ديپ، ملڪيت ۽ مايا جي موهه
۾ ڪيترائي سنڌي هندو ديس ڇڏي وديس اسهل لاءِ
تيار ٿي ويا. هڪ اٿي آواز سان سر- درد دانهن جهڙ
وڌلو. ”وطن ٿسا وطن ٿا ٻنڪيٽڙا وطن ٿاءِ ڇڏي ديس
ٻهڪجو اڌاٿا وطن ٿا ....“ چندر جي آواز ڪيترن

مشهور پارسي سنڌي اديبا
وينا شرنگي

سچ ۽ ساڃهه کٿان الماسي ۽ وسري
هيف تنهن کي هوءِ وطن جنهن وساريو.
(ڀٽ ڌڻي)

عزت ڀريا معزز

صدر، پياري ڀيڻ مکي، مهمان آڪاشواڻي جي ڏال ڏامس، گلي جي سوز ۽ قلم جي مٺاس جي مالڪ ڇهن ڪتابن جي خالق، آل انڊيا ريڊيو براڊڪاسٽنگ جي ترجم نگار ۽ سنڌي ڪارج ڪرم جي اناؤنسر ڀيڻ وينا شرنگي، اعزازي مهمان ۽ اسان جي سڀ جو پيارو ڪندڙ آس پاس جا آيل سڀ دوستو مهمانو! جيئي سنڌ جيئي لطيف.

سدا سچيو!

هڪ رات جي وقفي ۾ ڀيار ڪيل هئي ۽ مٿالو ڀيڻن کجهه ۽ ڪور ڪري ڪو ۽ سکيندو پس پيو ۽

انهن کي سمجهڻ ۾ هيءَ ڳاري سنڌ ٻاهر چڙهي وئي
۽ هڪ ڳالهه چٽي ۽ واضح آهي ته ادي ويندا سنڌ
کان ٻاري ته ويئي آهي پر سنڌس سنڌ جي سڪ ۽
مارن جي اُڪير ڪري چڙهي اٿس. ادي ويندا اڳه ۾
شايد ڪو گيت ڪو غزل ڪا ڪهاڻي ڪو مضمون
سنڌ ۾ رهندي ڪري لکيو تخليق ڪيو هجي پر
سنڌ ڇڏڻ بعد اديءَ لاءِ ۽ سنڌي ادب لاءِ هڪ شيءِ
ڪارائتي ثابت ٿي ته اديءَ ويندا "ڪيئن وساريان
وڻ ڏيهڙن" هڪ ڪتاب تخليق ڪيو. اسان جي
بدقسمتي ته ڪتابن تي بندشن ۽ حڪومت جي
من مانين سبب اسين اهي ڪتاب پڙهي ڪونه
سگهيا آهيون. پر مون هڪ انڊين اخبار جي
ڪٽنگ ڏٺي "پکا ۽ پکهوار ڏٺي مون ڏيهن ڏٺا"
۾ لکيل آهي ته ۾ اهيءَ ڪتاب بابت پڙهيو ۽
ڪالهه اديءَ ويندا سان ملاقات بعد به خبر پئي ته
ان ڪتاب ۾ ڇا لکيل آهي. "ڪيئن وساريان
وڻ ڏيهڙن" شهدادڪوٽ ۾ گذاريل ڏينهن جي يادن
جو مجموعو آهي. ڪتاب جي ٿالهي مان ئي لکي
پيو ته ڪتاب ۾ ڪيتري جان آهي. واقعي هڪ
وطن جي ڇاڙو ۾ گذاريل گهڙي نه ڪو وسرندي
آهي. هي ته سنڌ ۾ جنم ڪيان وڇوڙي ڏانهن جا

ٿي سنڌي هندن سان وڃي هندستان ۾ هنڌ ڪيو. ڪيترن ئي سچا سنڌي اديبن فنڪارن کي پڻ سنڌ ڇڏڻي پئي. دادا هري مونواڻي، ڪرشن کٽواڻي گوبند مالهي، نارائڻ ڀارتي، موتي پرڪاش، ڪلا پرڪاش، ڪيرت ٻاٻاڻي ۽ نارائڻ شيام سان گڏ ڪيترن ئي کي سنڌ ڇڏڻ جو اهڙو ڏک ٿيو هوندو جيترو ٻاروتيءَ کي ٻانهڪا کان جدا ٿيڻ جو، ٻار کي ماءُ کان جدا ٿيڻ جو. سنڌي ڪوي ڏک ۽ درد ڏورا ۽ پيڙا کي قلم جي طاقت سان ظاهر ڪرڻ شروع ڪيو. ڌرتيءَ جو فراق مجازي عشق بڻجي ويو ۽ سونهي منزل کي رسڻ لاءِ اُن عشق جي لوڙ ۾ ٿيڻ شروع ڪيو. اهو دور 1947ع جو ظالم دور جنهن ۾ سنڌي ۽ سنڌين کان محبت ۽ ميٺ، سر ۽ سوز، ڪل ۽ خوشي، سک ۽ شانتيءَ جي دائي رسي ويئي. سنڌ کي مليل انگريزن کان آزادي وري غلامي ۾ تبديل ٿي ويئي.

پر 1971ع ۾ هڪ ٻيو درد اڀريو هڪ جسم جو حصو، هڪ ڏيهه جي هڪ ڪلاڪار جي ڪلا هڪ واٽيءَ جو ورهاڱو ادي ويدا شرنگي سنڌ ڇڏڻ لاءِ لاچار ٿي. هن سنڌ ڇو ڇڏي؟ ڪهڙيون مجبوريون ساڻس پيش آيون؟ ڀلي ڪٿي

جي حالت ڪندي رهي ۽ سنگت آڇاري کي
ٻڌ ڏوري وڌائيندي رهي. پنهنجي وطن سان محبت
ڪيتري آهي. اُن لاءِ اهو مثال ئي ڪافي آهي ته
هن هندستان ۾ رهندڙ سڀني سنڌي استرين کي
ماروئي جو سبق سيکاري رهي آهي.

”ماروئي“ سنڌ طرفان سڀاڻو هڪ ترجمو به
ڪيل آهي (انگريزي ۾) جنهن ۾ سنڌ جي
سرگرمين جي رپورٽ شايع ڪئي ويندي آهي.
هڪ پرچي ۾ اُدي سنگت قائم ڪرڻ جا سبب
ڄاڻائيندي هڪ شاهه جو بيت انگريزيءَ ۾
ڏنو آهي.

It is the custom of my fold,
To sell their loved in return of God,
I have been brought to AMAR KOTS' place,
How can I with misde meanor my self disgrace?
Within me longings for my humble hut throp,
How can your places me of that.

هيءَ بيت شاهه صاحب جي سر ماروئيءَ جي هن
بيت جو ترجمو آهي:

”ايءَ نه مارن ريت جيئن سيڻ مٽائين سون لئي،

ڏينهن هئا. آلي مٽي سان رانديون ڪري واريءَ جا ٻي جان گهرڙا ٺاهڻ کان گهڻين مان روز گڏجڻ جا واقعا ڪيئن ٿا وسري سگهن. سنڌي عام ٻارڙن جي الماس جيئان اديءَ ونا ڪڏهن گهر ۾ يا گهر کان ٻاهر وڃي مٽيءَ جا يا واريءَ جا گهرڙا ٺاهيا هوندس ۽ ڪيس اها خبر هوندي ٿي هوندس ته اهي گهرڙا ڪيترا ڪچا ٿيندا آهن. ٻڌڻ جن وڏڙهين ۾ اچا وڏڙهيا وسندا هجن اهي ته وساري ٿي نه ٿا سگهجن. اهيءَ ڪتاب جي اتري ته جڳهه جڳهه ڪار ٿي جو "پولين ايجوڪيشن مسٽري آف انڊيا". اهيءَ ڪتاب تي اديءَ ونا کي اڍائي هزار روپيه انعام ۽ ميرٽ سرٽيفڪيٽ ڏنو. انهي اتري وڏي اوارڊ مان معلوم ٿئي ٿو ته اهو ڪتاب ڪيترو وڏو اڻاٺو آهي. سنڌي ادب جي انهي خدمت جا اسين سنڌي ٿورا مڃون ٿا.

ٻنڊي جي وطن سان سڪ ۾ اڪثر جو هڪ ٻيو سرچشمو آهي. انڊيا ۾ "مارئي" لالي سنڌي ناري سنگت جو وجود وجهڻ. اديءَ اهيءَ سنگت طرفان ڪيترائي ميڙاڪا انهان ڪنڌي رهي آهي. سنڌي استريون ۾ سنڌي ساهتيه ۽ سڀيتا سان محبت جو جذبو جاڳائيندي رهي. ڪيترن غريب سنڌياڻين

ٿيو ڪيترو ظلم ٿيو. سندن گهرن ۾ ماڙهو ٿي ويو. ڪيترا ئي حوالا سندس ڪتاب ”پکا ۽ پکهوار ڏلي مون ڏيهن ٿيا“ ۾ ڏنل آهن.

هڪ دوست الهيا وڌو آئان اديءَ کيس مٿيون ڪتاب جيڪو سنڌ جي ڀاڱا تي لکيل هو، ڏنائين. ڪتاب جون ڪاپيون طالب المولي، ڊاڪٽر تنوير عباسي ۽ ٻين ڪيترن ڏانهن هيون. ان دوست ڊاڪٽر عباسيءَ جي ڪاپي موڪلي ڏني ۽ آئون ڪراچي کان ٿرپور اچي رهيو هوس. ٿرڙ جي سفر ۾ اديءَ ڪتاب کي ڪافي پڙهيم. ڪتاب ۾ اديءَ جيڪو اميج پنهنجي گهر ۽ سنڌ لاءِ رکيو هيو آهي پورو ڪوله ٿو پوي. حالتون کيس وڏيڪ خراب نظر اچنس ٿيون. سنڌ جي اُن ماحول اديءَ کي ڪافي سوچڻ تي مجبور ڪيو هوندو ته وطن ۽ ويڙهيچن سان اهي حال ڇو آهن. ڪتاب ۾ لال اڏيري، مڙن جي مقبرن، ڪراچي کان حيدرآباد ۽ اتان کان ڪوٽ ڏائين جو سفر تمام سهڻي نموني لکيل آهي. هڪ هنڌ اڏيري لال جي زيارت تي لکيل آهي ته اَدي ويا سائين اعجاز فرمائي ۽ ٻين سان گڏجي لال اڏيري تي ويئي آسي هڪ وڻ آهي جنهن تي چڙهي ڪاٺ پاس پاسي هڪ ڏاڪو پيڙو آهي ۽ اها پاس ضرور پوري ٿيندي آهي. جڏهن اها پاس پوري ٿئي ته

اچـي عمرڪوٽ ۾ ڪيڏيس ڪالهه ڪريت،
پـڪن جي ٻـيڻيت مـاڙئن سـين لـهه مٽيان."

لطيف جـي حوالي سان هڪ سنڌيا جو نالو "ماروئي" رکڻ ۽ ان ناليءَ جا سبب ڄاڻائيندي مضمون بيت پيش ڪرڻ ثابت تو ڪري ته، اَدي ويـنـا وڏيس ۾ ڳهندي مـاروئيءَ واري حال ۾ آهي. پنهنجن اٿي ڳهڻ سنڌ س مجبوري اٿس. اَديءَ ڪـي وطـن سان ڏاڍي سڪ ۽ اڪير آهـي. سنڌس اٿـي پيٽ ڏيڻ ساٿس ني عڪاسي ڪري ٿو.

پڻ وينا گهڻ طرفي شخصيت آهي. سنڌس آل انڊيا ريڊيو تان سنڌي ڪارڊ ڪرم جي اناؤنسمينٽ ڪرڻ اٿس. آواز اهڙو جهڙو ڪوئل جي ڪوڪ. ريڊيو تان پيش ٿيندڙ ڪـلام پـڻ ڏٺي نـه ٻه وٺندڙ هجي پـر اَديءَ جي اناؤنسمينٽ ڪـرڻ بعد اهو ضرور وٺيو وڃي.

ادي وينا 1971ع بعد سنڌ جي سنڌ ڏسـڻ لاءِ وري 12 سالن بعد 1982ع ۾ واپس آئي. روڊن تي جڏهن لاش هئا، جڏهن سنڌي ماڻهن مسلسل آمريت ظلم جبر ۽ ڏاڍ خـلاف آواز بلند ڪيو هو. جـڏهن موري، محڙ، دادو ۾ گهوٽ ڪٽا، اَدي انڌهن سنڌ ۾ آئي. اَديءَ ڏلو هوالدو ته سنڌ سان ڪيترو ڪيس

واڳن کي گهوڙن کي ڇاڙن تي لڳايان ها ۽ ڪين بعد اهو ياد ڏياريان ها ته ان ڌرتي لاءِ وهايل ڳوڙهن جي ڳرهل ميندي جي لاڪ جي صدقي سنڌ ڌرتي لاءِ ڪجهه ڪريو.

سنڌي ادب ۽ سنڌي سڀيتا سان سندن اٿاهو پيار اٿن جو هو اسان کان گوءِ کڻيو ٿا وڃن. اديءَ ونڊا پيا پنج چار ڪتاب تخليق ڪيا آهن. سندس هڪ ڪتاب پنهنجي اثرات تي مشتمل "منهنجي ٻهڪي جا گل و خار" اٿس. ٻيو ڪهاڻين جو مجموعو زندگي هڪ ناٽڪ اٿس. هن ڪتاب تي اديءَ کي "لطيف زندگي" طرفان انعامي هزار ۽ صورت سرٽيفڪيٽ مليو اٿس. اديءَ جو هڪ ٻيو ڪتاب جنهن ۾ پنهنجي آتما سان رشتن بابت ٻڌل ڪيل اٿس، ڪتاب جو نالو آهي "منهنجا معصوم سپنا". اديءَ جو هڪ ٻيو ڪتاب ڇپائي هيٺ آهي اهو ڪهاڻين جو مجموعو اٿس "اڻ کليون اکيون". اديءَ سنڌي ساهت ۾ تمام تيز وڃي رهي آهي. هي هر صرف ٻڪ ٻوڙ ڪندڙ سنڌي ناري وڏين خدمتن جي خالق ۽ وڏين صلاحيتن جي مالڪ آهي. ڌڻي شل اُها ذات هميشه لاءِ قائم رکيس. اسان جا اديب هڪ طرفو هلندي ته حالتن جو شڪار ٿي وڃن ٿا. ڪنهن مٽيءَ تي موهجي پيسن جي لالچ ۾ اچي حقيقتن تي پردا وجهن

اهو ڏاڍو وڏي ڪولهو آهي، ادي الي پاس پاسي ڏاڍو پڙو دنيا جي هر لمحا دور ڪري پاس ڪهڙي پاسيائين ادي صرف اها دعا گهري ته آل انڊيا تان هڪ ٻئي اسٽيشن شام جو سنڌي نشريات شروع ٿئي. آئون سمجهان ٿو ادي جيڪڏهن ڪو هيرن جو هار ڪا مٺين جي مٺ گهري ها ته ڪيس اها به مليس ها چاڪاڻ ته ادي جي اها پاس پوري ٿي ۽ واپس پهچڻ سان ڪيس ٻڌايو ويو ته سنڌي ۾ هڪ ٻئي نشريات شروع ڪئي پئي وڃي ۽ سڄو هفتو پروگرام هلندا رهن ٿا.

اي ديس واسيو سنڌ ۾ هن پکين جي محبتن جي اوهان کي ڪهڙي خبر هجي. ڌرتي سان محبت اهڙي ڪندا آهن جيئن ٻار ماءُ سان ۽ پکي پنهنجي آکيري سان. هن جي محبتن جا مثال ڪيترا ڏئي ڪيترا ڏجن. گذريل سال دادا هري مونواڻيءَ سان رهاڻ ٿي. رهاڻ ۾ دادا روئڻ شروع ڪيو جڏهن سنڌ کان زبردستي جدا ٿيڻ جو ۽ لاڙڪاڻي کي ڇڏڻ جو ذڪر ڪيو ته دادا جي اکين ۾ پاڻي ڀرجي آيو. مون ۾ سگهه نه هئي ته اُن پاڻيءَ کي ڪيئن سانڍي رکان چاڪاڻ ته ڌرتي جي اڪير لاءِ وهايل هڪ هڪ ڳوڙهو موتين لاءِ وڌو قيمتي آهي. انهن ڳوڙهن مان ڪاش آئون ميندي تيار ڪري سنڌ جي ٿيمن لسل ڪري.

اديءَ تخليق ڪرڻ شروع ڪيو هئو. اميد آهي تہ اها ترپ هميشہ قائم رهندس.

منهنجين ڪچين ڦڪين ڳالهين اوهان جي اندري نـائيم جو زبان ڪيو آهي. اوهان جي مهرباني جو اوهان منهنجا ٻارائا ٻول ٻڌا. اديءَ جي مهرباني جنهن اسان کي ٻهاڻ جو نائيم ڏنو.

مون نيڪ نيڪڙا چڪندڙ ٻا اچن ڪـڙ ٻـون ڪهہ ٻڪليون ٻکهر س ٻيرن اي وڙ وٽڙهچن مون لوڏائين لڳا.

اهيءَ ٻمت سان آئون ٻنهنجي جڳهہ ولندس.

شروع ڪن ٿا ۽ ادي وڌا انهن جي اثر ودهس ۾ رهندي آهي - سنڌي عورت سان پيار سنڌي ساهت ۾ سچيتا ۽ شاهه جي پيغام سان پيار انهن سڀني شاهه جي پوئلڳن، خاص ڪري شايد اهي سڀئي آندو آٿس ٿا.

سڙان، پچان، پڄران، لڇان ۽ لوچيان.
ان ۾ لذت لس پرين جي پڇان نه پيان؛
جي سوا ب مهن ڪران ته سر ڪيائي نه ٿئي.
(لطيف)

ڪڏهن ڪڏهن ڪن شين جي ملڻ سان جستجو ۾ مات اچي وڃي آهي. ادي وڃا چاهي ته اڄ ۽ هتي رهي سگهي ٿي سنڌس اباڻو گهر ۽ اباڻا اڃا هتي انس پر شايد پنهنجي محبوب سان ملي جلي کي ماتو ڪرڻ ڪون لڳي گهري ۽ نظرون شاهه صاحب جي انهن سٽن ۾ اٿس ته.

ڳولهيان ڳولهيان ۾ لهان شال ۾ ملان هوت،
جانب اندر ۾ لوچ سا ملڻ سان ماڻي ٿئي.

جيڪا تڙپ ادي جي من ۾ سنڌي ادب ماڻهن ۽ ثقافت لاءِ هئي، ۾ رهڻ ڪري موجود آهي شايد واپس وڃڻ ۽ هتي رهڻ ڪري نه پيدا ٿئي. ادي جي ادب جي شروعات ئي "ڪيئن وساريان ولهن" سان آهي. ۽ اها تڙپ دوري لاءِ آهي جنهن ڪري

ٻٻرُ

(وينا شرنگيءَ جي سنڌ اچڻ تي)

هي ٻڳڙين قطارون ۽ آڙين اڏامون
هي سنڌوءَ ڪنارا، تنهنجي لاءِ آهن .

سڀئي وڻ تنهنجا، سڀئي ڇانو تنهنجي
هي رستا هي چارا ، تنهنجي لاءِ آهن .

اڄ هم آلا پيا يا تر هم ٻريا جي
سڀا سر سارا ، تنهنجي لاءِ آهن .

دوارن جي ڏرڪي ، ٿناڻيءَ جا پاٽا
هي منظر نظارا ، تنهنجي لاءِ آهن .

ٻکر ، ساڌ ٻيلو ، سڀئي آستانا
هي مندر مدارا ، تنهنجي لاءِ آهن .

ڇڏي ديس پنهنجو ، وڃين ڇو ٿي ”وينا“
اکين نير – نارا ، تنهنجي لاءِ آهن .

” ادل سومرو “

CS
62

Veena Shringi, although coming from well known Brahmin Zamindar family, her progressive out-look rebelled against the age old Bondage of orthodoxy. After graduation she took an appointment with All India Radio in Sindhi Services of External Services Division in 1976. Since, she first took up a job of a Broadcaster with All India Radio, has travelled a long way. Her restless Spirit was not Content with the waves of sound alone she used her sharp pen too, and recorded her reminisences. These were published in a Book "Kian Visariyan Verichen". The Book was an Instant Success. It won her award from Central Hindi Directorate. This Book was later included in the Exhibits of Indian Book fair at Mascow and other Countries.

She has so far authored five Books in Sindhi language. Her another Short Story Book "Zindgi Hik Natak" was awarded Cash Prize and merit certificate from Nai Duniya Publication. Her articles and Poems have been published from different forum. She has participated in Urdu National and International Mushara's and also attended International Sachal Congress at Karachi Pakistan in 1989 and in 1990 She has widely travelled different parts of the world and participated in many cultural events at Washington, New York, Miami, Canada, London and Spain Veena Shringi is General Sec. of Maruee and have conducted many National and International Seminar.